اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاھ)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_19

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن

حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**

پروفيسر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**

محمد سليمان طاهر انڙ

**ايڊيٽر**

نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**

مفتي محمد صادق سومرو

عبدالستار عباسي

محمد انس راڄپر

محمد رفيق پرڳڙي

نديم احمد سولنگي

ذو القعد/ذو الحج ١٤٣٢ ھ مطابق آڪٽوبر/نومبر 2011

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليہ وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات اما شاھ ولي الله رحمتہ الله عليہ | ادارو | 4 |
| اسماءَ الله الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 5 |
| ملڪ جي قومي پاليسي ڪهڙي آهي؟ | چيف ايڊيٽر | 6 |
| الله جي دين جا دنياوي ۽ مادي نتيجا | مولانا محمد انس راڄپر | 9 |
| ذاتي مفادن مٿان گڏيل مفادن جي ترجيح | مولانا محمد تقي اميني | 13 |
| دعوتِ توحيد ۾ پيغمبرن جو ڪردار | محمد سليمان طاهر انڙ | 20 |
| امتِ مسلمہ جو نصب العين اسلام | حسن محمود جياڻي | 27 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**

**حڪمت قرآن انسٽيٽوٽ،**

6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي

ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03002707097

www.hikmatequran.org, email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْٓا اَنْصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ۭ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ فَاٰمَنَتْ طَّاۗىِٕفَةٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ وَكَفَرَتْ طَّاۗىِٕفَةٌ ۚ فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰي عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ ؀ (الصف:١٤)

”اي اهل ايمان! اوهان الله جي دين جا مددگار ٿي پئو. اهڙيءَ طرح جيئن سيدنا عيسيٰ پٽ مريم جي پنهنجن مددگارن کي چيو هو تہ ڪير آهي جو منهنجو الله جي دين لاءِ ساٿ ڏئي. ان وقت سندس دوستن چئي ڏنو تہ اسين آهيون الله جي دين جي غالب ڪرڻ لاءِ تنهنجا ساٿ ڏيندڙ! پوءِ بني اسرائيل جي هڪ ٽولي ايمان آندو تہ وري ٻي ٽولي ڪفر ڪيو. پوءِ اسان مدد ڪئي سون ايمان وارن جي سندن دشمنن تي. پوءِ اهي ئي غالب ٿي ويا.

حضرت سيدنا عيسيٰ بن مريم (عليهما السلام) کي بني اسرائيل جي قوم ۾ پويون نبي ڪري موڪليو ويو. يهودي قوم جو اهو آخري مصلح ۽ هادي هيو. سندس نبوت کي دليلن ۽ معجزن سان سينگاري اهڙي طرح پيش ڪيو ويو جو ڪنهن کي بہ ان جي نبوت تي ڪو بہ شڪ ۽ شبهو نہ رهي. مگر يهودين جي بد بختي اها ٿي جو اهڙي دليل ۽ برهان سان مبعوث پيغمبر جو بہ هنن انڪار ڪيو ۽ هن کي ڪوڙو قرار ڏنائون. ان عرصي ۾ هنن حضرت مسيح عليہ السلام کي شديد تڪليفون ۽ ايذاءَ پهچايا مگر ايمان نہ آندائون. قرآن مجيدي ٻڌائي ٿو تہ مسيح عليہ السلام کي قتل ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويا. چو تہ بني اسرائيل جي اها پراڻي عادت هوندي هئي تہ هو نبين کي نہ فقط ڪوڙو سمجهندا هئا پر انهن کي قتل بہ ڪري ڇڏيندا هئا. ” يَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ حَقٍّ “ هو خدا جي پيغمبرن کي ناحق قتل ڪندا هئا.

الله تعاليٰ جي سنت عمل ۾ آئي. هنن تي برحق پيغمبر جي قتل ڪرڻ ۽ ايذائڻ سبب عذاب الاهي ڪڙڪيو ۽ هو ذلت، خواري، بربادي ۽ غلامي جي گرفت ۾ اچي ويا. هنن سيدنا مسيح عليہ السلام کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ۽ سازش هن طرح تيار ڪئي تہ نهايت ذلت سان هن کي ماريندا، ڪٽيندا هڪ پهاڙي تي وٺي ويا. اتي هنن پنهنجي ڄاڻ ۽ ارادي موجب ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ اعلان ڪيو ويو تہ اسان عيسيٰ بن مريم کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. مگر قرآن مجيد گواهي ڏئي ٿو تہ: ”وَمَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ۭ “ يهودين حضرت مسيح عليہ السلام کي نہ قتل ڪيو نہ ئي ڦاسي تي چاڙهيو، پر هنن تي شبهو وڌو ويو يا هنن لاءِ حضرت مسيحؑ جي مشابهت پيدا ڪئي وئي. هنن ڄاتو تہ اسان ڪيس قتل ڪيو آهي ____ پر ائين ٿيو ڪونہ!

”فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰي عَدُوِّهِمْ “يهودي دشمنن تي اسان عيسيٰؑ جي پيروڪارن کي غلبو عطا ڪيو. هن غلبي مان مراد ظاهري اقتدار جو غلبو بہ آهي ۽ علم، فن ۽ مرتبي جو غلبو بہ مراد آهي. عيسائي دنيا ۾ ڇانئجي ويا. انهن يهودين کي جتي ڪٿي ذلت ۽ خواري سان همڪنار ڪيو. مختلف وقتن ۾ هنن جو لکن جي تعداد ۾ قتل عام بہ ڪيو ويو. سيدنا مسيحؑ جي ”رفع الى الله“ کان پوءِ ٽين صدي عيسوي ۾ روم جي بادشاھ قسطنطين دوم عيسائيت قبول ڪئي. سندس حڪومت شام ۽ فلسطين تائين ڦهليل هئي. ان کان پوءِ رومي وڏي تعداد ۾ عيسائي بڻجي ويا. يهودي انهن جا محڪوم ٿي ويا. مگر يهودي دربدر جون ٺوڪرون کائيندا رهيا.

## حڪمتِ رسول ﷺ

عَنْ اَبِي هُرَيْرَه قَالَ — قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ثَلَاثَةٌ لَا يُكَلِّمُهُمُ اللهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَلَا يُزَكِّيهِمْ وَفِي رَوَايَةٍ وَلَا يَنْظُرُ اِلَيْهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ شَيْخٌ زَانٍ وَمَلِكٌ كَذَّابٌ وَعَائِلٌ مُسْتَكْبِرٌ (رواه مسلم)

حضرت ابو هريره رض کان روايت آهي، چيائين تہ فرمايو رسول الله ﷺ جن تہ ٽي ماڻهو اهڙا هوندا (يعني انهن وصفن رکندڙ گروهہ) جن سان الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن نہ ڳالهائيندو، نہ انهن کي پاڪ صاف ڪندو نہ انهن جي طرف ڪرم جي نگاهہ فرمائيندو ۽ انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪيل هوندو. اهي ٽي شخص هي آهن:1. پوڙهو ماڻهو زناڪندڙ، 2. ڪوڙ ڳالهائيندڙ حڪمران ۽ 3. سڃو ماڻهو ۽ وڏائي خور.

ڪي گناهہ معنوي حيثيت ۾ ئي سنگين هوندا آهن. انهن کي وڏن گناهن ۾ ڳڻيو ويو آهي، پر ڪن خاص حالتن ۾ ۽ ڪن خاص ماڻهن کان ڪن گناهن جو پڌرو ٿيڻ، گناهہ جي سنگيني کي گهڻو وڌائي ڇڏي ٿو. جيئن چوري ڪرڻ هڪ ڪڌو ڪم آهي، مگر اها چوري جيڪڏهن ڪو دولت مند ۽ شاهوڪار ماڻهو ڪري يا سرڪاري آفيسر سٺي پگهار هوندي عوامي ملڪيت کي ڦٻائي ڇڏي تہ اهڙي گناهہ کي معصيت سان گڏ شديد قسم جي اخلاقي گراوٽ ۽ بي حيائي تصور ڪيو ويندو. جيڪو ناقابل معافي ڏوهہ ڳڻيو ويندو.

ان طرح هن حديث پاڪ ۾ جن ٽن ڏوهارين جا ٽي گناهہ ٻڌايا ويا آهن اهي بہ بد اخلاقي ۽ بدڪرداري جي چوٽ تي چڙهيل آهن. پوڙهو ماڻهو جنهن کي جنسي شهوت جا موقعا هاٿي نہ رهيا آهن ۽ هو نهايت ڪمزور ٿي چڪو آهي تہ ان وقت سندس عورتن ڏانهن ميلان ۽ ميلاپ رکڻ هڪ سنگين مسئلو آهي. جواني ۾ جنس کان مغلوب ٿيڻ ڪجهہ فطرت هيٺ آهي ۽ ان کي رحمان جي رحمت نظر انداز ڪري سگهي ٿي، مگر پوڙهائپ ۾ اهو ڪم ناقابل معافي ڏوهہ آهي. ان طرح حڪمران جنهن کي هر قسم جا اختيار حاصل آهن ۽ هو ڪنهن کان نٿو ڊڄي سگهي، ڀلا اهو شخص ڪوڙ ڳالهائي تہ ڇا ان کي معافي ملي سگهي ٿي؟ ان طرح سڃو ماڻهو ۽ هر وقت آڪڙ، اها ڳالهہ ٺهي ٿي؟ --- هرگز نہ!

انهن ڏوهارين لاءِ جيڪي تڪبر، غرور ۽ ڪمينہ پن جي روين جو شڪار بڻجي ويا آهن، انهن لاءِ جيڪو عذاب تيار ڪيو ويو آهي، انهيءَ عذاب ۾ سخت شديد عذاب اهو آهي جو الله تعاليٰ انهن سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏي. لطف جون نگاهون هٽائي ڇڏي ۽ انهن کي گندگي جي حالت ۾ رکي ڇڏي ۽ پاس ٿيڻ کان محروم ڪري ڇڏي. قيامت جي ڏينهن روح جڏهن مالڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو تہ ان کي فطري خواهش هوندي تہ هو پنهنجي رب پاڪ سان ملي ۽ قرب حاصل ڪري. پر ان کي جڏهن قرب الاهي کان هٽايو وڃي ۽ خدا تعاليٰ ڪيس رابطي کان محروم ڪري ڇڏي تہ اهو روح لاءِ شديد عذاب جي صورت آهي. معاشرتي گناهن کان دوري ئي الله تعاليٰ جي نعمتن جو مستحق ڪري سگهي ٿي.



## تعليمات امام شاهہ ولي الله دهلوي رح

امام شاهہ ولي الله محدث دهلوي رح جن هيءَ ڳالهہ دليلن سان ثابت ڪئي آهي تہ سموريون الهامي شريعتون انساني فطرت جون ترجماني ڪندڙ رهيون آهن. انسانن جي تعمير ۽ انهن جي پاڪائي ۽ صفائي لاءِ سيئي ڪوشان رهيون آهن. مختلف شريعتن ۾ جيڪو معمولي ظاهري اختلاف نظر اچي ٿو اهو انهن قومن جي لحاظ سان آهي، جن ۾ اهي شريعتون آيون. ورنہ انهن سڀني شريعتن جي گهرائي ۾ انساني فطرت جهلڪي رهي آهي. انهن سڀني ۾ انسانيت جي مفاد عام جي ڳالهہ ڇيئي وئي آهي. ان آڌار تي جيڪڏهن ڪو بہ شخص صحيح عقيدن يعني ترقي تي پهچائيندڙ نظرياتي سوچ نہ رکندڙ هوندو جنهن جو بنياد انساني فطرت تي شامل آهي ۽ هو انهن عقيدن لاءِ هڪ بنيادي نصب العين اهڙو نہ رکندو جنهن تي هو پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪري سگهي، تہ ان وقت تائين هن لاءِ ڪنهن بہ ڪاميابي جي اميد نٿي رکي سگهجي. امت جو امام فرمائي ٿو تہ:

ويجب بذل الجهد على اهل الآراءِ الكلية في اشاعة الحق و تمشيته و اخمال الباطل وصده فربما لم يكن ذالك الا بمخاصمات او مقاتلات فيعد كل ذالك من افضل اعمال البر (حجة الله البالغ: 1-50)

جيڪي انسان اجتماعي جدوجهد لاءِ سوچيندا آهن انهن لاءِ ضروري آهي تہ هو حق جي اشاعت ڪرڻ ۽ ان کي رواج ۾ آڻڻ ۽ باطل کي روڪڻ ۽ مٽائڻ لاءِ پنهنجون ڀرپور ڪوششون ڪندا رهن، پر اهو گهڻو ڪري تيستائين نہ ٿيندو آهي، جيستائين حق جي سچائي ۽ باطل جي غلطي دليلن سان ثابت نہ ڪئي وڃي. يا باطل جي فريب ڪاري کي ختم ڪرڻ لاءِ جان ۽ مال سان قتال نہ ڪيو وڃي. اهي سڀ شيون بهترين نيڪي ۾ ڳڻيون وينديون.

اها ڳالهہ واضح ٿي تہ ڪاميابي لاءِ ڪو بہ مٿاهون نظريو يا بلند نصب العين جو هجڻ لازمي آهي، جنهن کي ايمان جو درجو ڏنو وڃي. مسلمانن جو انقلابي نظريو قرآن حڪيم جون تعليمات آهن، جن کي پهرين دور ۾ عمل ۾ آڻي ڏيکاريو ويو آهي. اهو ئي نمونو آئينده لاءِ بہ ڪاميابي جي ڪسوٽي آهي. ڇا انساني تاريخ اهو ٻڌائي سگهندي تہ ڪنهن بہ شخص يا ڪنهن بہ جماعت ڪنهن بنيادي نصب العين کي ايمان جي حد تائين قبول ڪرڻ کان سواءِ ڪڏهن ڪاميابي حاصل ڪئي آهي؟ ان کان پوءِ نصب العين لاءِ جدوجهد جو مرحلو آهي. انساني بدن جي هر حرڪت ۽ هر عمل جيڪو انسان جي ايمان مطابق هجي، جنهن عمل سان ايمان کي قوت ۽ طاقت پهچي، ان کي "عمل صالح" چيو ويندو آهي. عمل جي ظاهر تي زور نہ ڏنو وڃي، پر ان جي روح ۽ معنويت تي مڪمل ڌيان هجڻ گهرجي. نماز، جو روح بندگي ڪندڙ جو عجز انڪسار ۽ معبود برحق جي عظمت ۽ بلندي جو احساس هجڻ آهي. جيڪڏهن نماز ۾ اها معنويت پيدا نہ ٿيندي تہ "فويل للمصلين" جو ارشاد بہ سامهون رکڻ گهرجي. ان طرح ڪنهن بہ شخص جي جان کي هلاڪ ڪرڻ ڪيترو ناپسنديده عمل آهي، مگر حق جي حمايت ۽ ڪمزورن جي دفاع لاءِ قتال ڪرڻ ۽ جان کي مارڻ ۾ ڪيتري قدر عظمت رکيل آهي. ان ڪري عملن جي معنويت ئي اصل حقيقت آهي. (قرآني شعور انقلاب: مولانا عبيدا لله سنڌي رح)

## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

# العليم

الله تعاليٰ جي هن اسم شريف جي معنيٰ ۾ مبالغو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي بيحد ڄاڻ رکندڙ. يعني ظاهر، باطن، دل ۾ ايندڙ خيال توڙي اهڙا خيال جيڪي اڃا دل ۾ به نه آيا هجن، تن کي به ڄاڻندڙ. مطلب ته ڪليات توڙي جزئيات (هر ننڍي وڏي شيءِ) جو سمورو علم سندس ڄاڻ کان ٻاهر نه آهي. هو ڪائنات جي سمورين شين جي حقيقتن ۽ اصليتن بابت سموري ڄاڻ رکي ٿو. مطلب ته سندس معلومات جي ڪا حد ڪانهي ڪا.

**تعلق:** هن اسم سان تعلق جي صورت هيءَ آهي، ته ٻانهو اهو ڄاڻي ته الله تعاليٰ هن جي ظاهر ۽ باطن جو ڄاڻندڙ آهي. تنهن ڪري جيڪو به ڪم ڪرڻ مناسب نه هجي، ان کان پاسو ڪري. خلق جي علم کان خالق جي علم جو لحاظ گهڻو رکي. يعني جيئن غلط ڪم ڪندي ماڻهن کان ڊڄي ٿو، ته ان جي مقابلي ۾ پنهنجي عليم رب کان وڌيڪ ڊڄڻ گهرجيس: ڇو ته الله جل جلاله هن جي هر ظاهر ۽ باطن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

**تخلق:** هن اسم شريف سان تخلق (صفت اپنائڻ) جي واٽ هيءَ آهي، ته ديني علم جي تحصيل ۽ تڪميل ڪري، مڪمل عالم بڻجي حقيقت ۽ معرفت جو صاحب بڻجي وڃي. ڇو ته نفس جي تڪميل (سڃاڻ) ۽ عبادت الاهي ”ديني علم“ جي تڪميل سان ئي پروان چڙهندي آهي ۽ پوءِ جڏهن ديني علم سان ماڻهوءَ ۾ ظاهري ۽ باطني اصلاح پيدا ٿئي ته پوءِ سمجهو ته اهو ئي ”علم نافع“ آهي، (جنهن علم جي حضور صلي الله عليه وسلم جن امت کي دعا گهرڻ جي ترغيب ڏني آهي ته الله کان علم نافع جي دعا گهرو ۽ چئو ته: ”اللهم ارزقني علما نافعا)

**تعبد:** عبد العليم، يعني عليم جو ٻانهو اهو شخص آهي: جنهن کي الله تعاليٰ عليم جي صفت سان پلاين جا پال ڪري ڪيس ڪشفي علم (علم لدنيءَ مان) پاڻ وٽان عطا ڪري ۽ ان لاءِ محنت ۽ ڪسب به ضروري نه هجي. فقط ان جي اندر جي فطري صفائي ۽ قدسي نور جي قوت سان ڪشفي ۽ لدني علم عطا ڪيو هجي.

**حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه فرمايو**

قرآن شريف ۾ جيڪو چيلنج ڪيل آهي ته هن جهڙي ڪا سورت ٺاهي ڏيکاريو، سو عجمي قومن لاءِ نه آهي ته اهڙو ڪلام ٺاهي ڏيکاريو جيڪو بلاغت ۽ فصاحت ۾ قرآن جهڙو آهي. ڇاڪاڻ ته غير عرب جڏهن سڪٽي عربي ٻولي ئي ڪونه ڄاڻندا آهن ته پوءِ قرآن جهڙي فصيح ۽ بليغ عربي ٺاهڻ جي هنن کان ڪيئن گهر ڪئي ويندي. (جيئن هڪ انگريز جيڪو سنڌي ٻوليءَ کي قطعي طور ڄاڻندو ئي نه هجي، ان کان گهر ڪجي ته شاهه جي رسالي جهڙو ٺاهه ته خبر پوي، ته اهڙي گهر ڪرڻ ئي حماقت آهي. جن ماڻهن جو هي خيال آهي ته قرآن ۾ جيڪو جنن ۽ انسانن کي چيلينج ڏنو ويو آهي سو سندس فصاحت ۽ بلاغت جي ڪري آهي سو خيال نه ٻڌڻ جهڙو آهي ۽ نه وري ان ڏي توجه ڪرڻ گهرجي. هوڏانهن اسلام جي شروعات ۾ ان جو مطلب اهو هو ته قرآن جهڙا اصول، قانون الاهي يا تعليم ٻيو ڪو به پيش ڪري نٿو سگهي. (تفسير الهام الرحمٰن مان ورتل)



ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

## ملڪ جي قومي پاليسي ڪهڙي آهي؟

هڪ معقول آدمي، يا ڪنهن سنجيده قوم لاءِ اهو ضروري آهي ته هن جي زندگي جو مقصد ۽ نصب العين متعين هجي. ڪنهن فرد لاءِ اها ڳالهه ان ڪري ضروري آهي ته ائين ڪرڻ سان هو يڪسوئي، دلجمعي سان ان نصب العين تي ڪاربند رهندو. هن کي زندگي گذارڻ ۾ اطمينان ۽ يقين جي ڪيفيت حاصل ٿيندي. هو محسوس ڪندو ته هن جي زندگي جو هڪ مقرر ٿيل ضابطو آهي، جنهن تي هو هلي رهيو آهي. اهو ئي ان جو نظريو ۽ مسلڪ آهي. واقعاتي دنيا ۾ اهو نظريو غلط هجي يا درست، مگر جڏهن اهو نظريو ڪنهن فرد جو موقف بڻجي وڃي ٿو ته پوءِ هن کي زندگي گذارڻ آسان ٿي پوندي. ٺيڪ ان طرح انسانن جي گڏيل زندگيءَ ۾ يا ڪنهن ملڪ يا رياست جي جوڙ جڪ ۾ به هڪ طئي ٿيل قومي پاليسي هوندي آهي. اهو ئي انهن جو ”نظريه حيات“ يا ان قوم جو گڏيل ۽ مشترڪ نصب العين قرار ڏنو ويندو آهي. جڏهن ڪا به قوم ڪنهن طئي ٿيل قومي پاليسي تي لاڳيتو عمل ڪندي رهندي آهي ته اها قوم دنيا ۾ انساني قدرن جي مٿاهين منزل حاصل ڪري وٺندي آهي. نه فقط ايترو بلڪ دنيا جي قومن ۾ اهڙي قوم کي مناسب احترام ۽ وقار به ملندو آهي ۽ هوءَ سرخرو ٿي دنيا لاءِ آئيڊيل به بڻجي ويندي آهي.

جن قومن يا رياستن پنهنجي لاءِ هڪ طئي ٿيل نظريو جوڙيو آهي ۽ هڪ هدف مقرر ڪيو آهي ته اهي قومون جلد ئي اجتماعي وحدت ۽ گڏيل قوت ذريعي، پنهنجي منزل حاصل ڪري وٺنديون آهن. مگر جيڪا قوم گڏيل قومي پاليسي ڪان محروم هوندي آهي ۽ ڪڏهن به ان ڳالهه تي سندن اتفاق ئي نه ٿيو آهي ته هنن کي ڪهڙي نظريي تي هلڻو آهي يا وري ملڪ جا ماڻهو نظرياتي موقف تي شديد اختلافن جو شڪار بڻيل هجن ۽ انهن ۾ ڪيترائي گروپ ۽ گروهه اهڙا هجن جيڪي اها ڳالهه طئي ئي نه ڪري سگهيا هجن ته سندن ملڪ ڪهڙي نظريي تي هلندو، ته اهو ملڪ انتشار ۽ ڏڦيڙ جو شڪار ٿي ويندو ۽ پنهنجي آزادي کي وڃائي ويهندو.

پاڪستان جي صورتحال به ان طرح آهي. هن ملڪ متعلق ڪي ماڻهو چون ٿا ته هيءَ رياست اسلام جي نانوَ تي قائم ڪئي وئي آهي. ان ڪري هتي اسلام نافذ ٿيڻ گهرجي. مگر ان ۾ تضاد اهو آهي ته جيڪي ماڻهو هينئر هن ملڪ ۾ اسلام جي غلبي لاءِ ڪوشان آهن، انهن جي قيادتن ملڪ جي الڳ ٿيڻ وقت ان تحريڪ ۾ حصو ورتو ئي نه هو، باقي جن ماڻهن اڳواٽيءَ جو حصو ورتو انهن جو اسلامي تحريڪ ۽ مقصدن سان واسطو ئي نه هو. ان ڪري اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته هنن مسلمانن سان دوکيبازي ڪري اسلام جو جذباتي نعرو هڻي سامراجي مقصدن کي پوري ڪرڻ خاطر هن ملڪ کي الڳ ڪرايو. سامراجي مقصد هاڻي هن ملڪ جي قائم ٿيڻ سان پورا ٿي رهيا آهن. ننڍي کنڊ ۾ مسلمان تقسيم ٿي ويا، انهن کي ڇئن پنجن علائقن ۾ ورهائي، انهن جي قوت ۽ طاقت کي مفلوج بڻايو ويو ۽ لاڳيتو سٺ سالن کان وٺي ڀارت ۾، ڪشمير ۾، بنگله ديش ۾ لکين مسلمانن جو قتل عام ٿيو ان ڪانپوءِ ٽيهٺ سالن جي دوران پاڪستان ۾

پنهنجي فوج پنهنجي مسلمان ڀائرن کي پنهنجو غلام بنائڻ ۽ آمريڪا جي ڊالرن حاصل ڪرڻ لاءِ گذريل ٽيهن سالن کان خونريزي ڪري رهي آهي جنهن ۾ اڍ ڪروڙ کن مسلمان مارجي چڪا آهن. ان کان سواءِ هي ملڪ آمريڪا جي ڪالوني بڻجي ويو آهي ۽ آمريڪا پنهنجي عالمي مقصدن خاطر پاڪستاني حڪومت، فوج ۽ عوام کي استعمال ڪري رهيو آهي. افغانستان ۽ عراق کي تباهه ڪرڻ لاءِ جنرل ضياءَ، جنرل پرويز مشرف ۽ هاڻي زرداري ۽ ڪياني آمريڪا جي هٿن ۾ ڪيڏي رهيا آهن. آمريڪا جي مڪروهه مقصدن ۾ اسرائيل جي حفاظت، عالم اسلام جي رياستن کي ناڪاره بڻائڻ ۽ ايشيا تي پنهنجو غلبو قائم رکڻ شامل آهي. هي آهي اها صورتحال جو ”اسلام“ لاءِ حاصل ڪيل رياست ۾ سامراج پرست حڪمران نهايت بي شرمي سان ذاتي اقتدار ۽ مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ اقتداري عهدن تي فائز ٿي ڪٽڌي ڪردار ۾ مشغول آهن.

هاڻي وري اچون ٿا شروعات واري ڳالهه تي ته هن ملڪ ۾ ڪي ٻيا ماڻهو ائين چون ٿا ته هي ملڪ سيڪولر بنياد تي قائم ٿيو آهي. جناح صاحب به هڪ با اصول ۽ قانون دان هجڻ سان گڏ مغربي طرز ۽ فڪر جو سيڪولر انسان هيو. هو ديني شخصيت نه هو جو هي ملڪ اسلامي رياست لاءِ هُن وجود ۾ آندو هجي. ان ڪري جناح صاحب جي مسلم ليگ ۾ سڀ جا سڀ، لياقت علي خان کان وٺي هيٺ تائين مغربي فڪر جي سياست کان آشنا هئا ۽ اهڙي رياست ئي هنن وجود ۾ آندي. ان ڪري ڏنو وڃي ته ملڪ ۾ هنن انتشار برپا ڪيو. لياقت جي دور ۾ پهريون صوبائي چونڊون ڌانڌلي جو شاهڪار هيون. ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين هن ملڪ ۾ دستور نه جوڙيو ويو. 1956ع ۾ جيڪو دستور ڪجهه عرصي لاءِ آيو ته ان کي سڪندر مرزا مارشل لا لڳائي منسوخ ڪري ڇڏيو. پوءِ 62ع واري ايوبي دستور کي 68ع ۾ جنرل يحيٰ ختم ڪري ڇڏيو. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ڪيو ٿي ويو ته جيئن بنگال ۾ اڪثريت واري حصي جي پاڪستاني رهاڪن کي سياسي حق نه ملڻ گهرجن ۽ هو هميشه اولهه پاڪستان جي غلامي ۾ گذارين ۽ فوجن جي اقتدار ۾ رهندي سياسي اقتدار کان محروم رهن.

ڪي هن ملڪ جا ماڻهو وري اهو موقف ٿا رکن ته قومن جي بنياد تي وڌيڪ صوبا ٺاهيا وڃن. صوبن کي مڪمل خود مختياري ڏني وڃي ۽ رياست کان الڳ ٿيڻ جو حق خود اختياري هئڻ گهرجي. ڪي چون ٿا ڀارت سان سياسي، تجارتي ۽ ثقافتي لاڳاپا بهترين رکيا وڃن. ڪي ٻيا چون ٿا ته ڀارت سان ڇا جي دوستي؟ ڪشمير تي جنگين جو سلسلو جاري رهڻ گهرجي. ڪن آزاد مغربي ذهنيت رکندڙ ماڻهن جو خيال آهي ته آمريڪا سان دوستي رکي وڃي، هن کان امداد حاصل ڪئي وڃي. ڇا جي غلامي، ڇا جي غيرت؟ هر شيءِ حاصل ڪري ترقي ڪئي وڃي. ڪي وري چون ٿا ته آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت سان هميشه جنگ جي حالت ۾ رهڻ گهرجي.

اهي ايترا سارا موقف ۽ خيال هن ملڪ ۾ هڪ زبردست انتشار جو باعث آهن. بلڪ ان قسم جون متضاد پاليسيون رکڻ سبب هي نام نهاد پاڪستاني قوم هڪ قسم جي خانه جنگي جي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيندي پئي وڃي.

سوال هي آهي ته آخر هي ملڪ آهي؟ هن جي آخر ترڪيبي هيئت ڪهڙي مڃجي.



1940ع جي قرارداد کي ڇڏي جيڪي مشڪريون ڪيون ويون آهن. تان جو پاڪستان ٺهڻ وقت ٽن ڏينهن کان پوءِ اهو اعلان ڪيئن ڪيو ويو ته هن ملڪ ۾ هاڻي ”مسلم قوم“ نٿي رهي بلڪ مسلمانن سان گڏ هندو، سک، عيسائي، يهودي ۽ ٻيا غير مسلم به رهن ٿا ان ڪري ”مسلم قوميت“ وارو نظريو هاڻي ختم ٿي ويو. هينئر هن ملڪ ۾ وطني قوميت هلندي ۽ هيءَ قوم ”پاڪستاني قوم“ جي نالي سان سڏي ويندي. گويا ملڪ اڳ ۾ وجود ۾ آيو ۽ قوم بعد ۾ پيدا ڪئي وئي. مگر صورتحال اها آهي ته ملڪ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ بنگالي قوم سان گڏ ٻيون سڀ قومون هن ملڪ ۾ رهنديون ٿي آيون. اهي سموريون قومون پنهنجي شناخت کي ڇڏي ”پاڪستاني قوم“ ڪيئن بڻجن؟ اهڙو مطالبو ۽ اهڙي خواهش غير فطري ۽ ناداني تي ٻڌل هئي! ان ڪري اڄ تائين ”پاڪستاني قوم“ فقط سرڪاري رڪارڊ ۾ موجود آهي، شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ ۾ موجود آهي، مگر سر زمين تي موجود ناهي.

سٺ سالن جي انهيءَ تضاد هاڻي هن ملڪ ۾ هڪ وڏو سياسي بحران پيدا ڪيو آهي. ڪا به قوم، ڪنهن ٻي قوم کي پنهنجي خطي ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. سڀ کان سنگين مسئلو ڪراچي جو آهي. ڪراچي جيڪو بنيادي طرح سنڌي قوم جو شهر آهي، ۽ ان تي سنڌي ملڪيت جا جائز دعويدار آهن، مگر قبضو پناهه گيرن جو ٿي چڪو آهي. ان کان پوءِ پٺاڻن جو غلبو آهي، ان کان علاوه پنجابي ۽ سرائيڪي به آباد ٿيا آهن. سيني جو چوڻ آهي ته هتي اسان جو سياسي غلبو ٿيڻ گهرجي. ان مسئلي تي گذريل ٽن سالن کان باقاعده ٽارگيٽ قتل ٿي رهيا آهن. مگر مسئلو حل ٿيندي نظر نٿو اچي. هاڻي اها ڳالهه سمجهڻ جي آهي ته اسان جي سمورين ناڪامين جو بنيادي سبب هي آهي ته اسان ڪنهن به نظريي، ڪنهن به موقف، ڪنهن به هدف تي متفق ناهيون. اسان جي گڏيل ڪا به قومي پاليسي موجود ناهي. اسان جيستائين ڪنهن هڪ نصب العين تي گڏجي ان کي قومي مقصد حيات نه بڻائيندا سون، ته اسان ٺوڪرون کائيندا رهنداسون. وڙهي وڙهي پاڻ به تباهه ٿيندا سون ۽ ملڪ کي به برباد ڪري ڇڏيندا سون. اسان جو هڪ رخ ۽ هڪ روش ناهي، ان کي ئي منافقت سان تعبير ڪيو ويندو آهي. اسان جي قومي پاليسي ”منافقت“ آهي. اسان جي حڪمرانن ۽ اسان جي عوام ۽ سمورين سياسي پارٽين انهيءَ منافقت کي پنهنجي سجاڳپ قرار ڏنو آهي. انهيءَ پاليسي تي جناح کان وٺي اڄ تائين اتفاق موجود آهي. اهو ذلت آميز رويو ۽ سفلي عمل ڪنهن به قوم کي بلند منزل تائين نه پهچائيندو.

تاريخ ۾ اسان کي اهڙي ڪنهن ”منافق قوم“ جو سراغ نه ٿو ملي جنهن نفاق کي قومي پاليسي جي بنياد تي اختيار ڪيو هجي ۽ اها قوم پنهنجن مسئلن کي ان ذريعي حل ڪندي رهي. جيڪڏهن اهڙي قوم تاريخ ۾ ڪٿي به وجود رکي ٿي ته اها صرف هڪ ئي قوم آهي. بد قسمتيءَ سان اها نام نهاد ”پاڪستاني قوم“ آهي.

**محمد انس راڄپر**

# الله جي دين جا دنياوي ۽ مادي نتيجا

ڇا الله تعاليٰ ديني احڪامن ذريعي انسان جي صرف آخرت جي تعمير ڪرڻ ٿو گهري، دنيا جي زندگيءَ جي تعمير نہ ٿو ڪرڻ گهري؟ ڇا الله تعاليٰ پنهنجي ديني احڪامن ذريعي انسان جي صرف انهن ڪمزورين ۽ گناهن کي درست ڪرن ٿو گهري، جيڪي انسان عبادت ۽ ذڪر الاهي وغيره جي معاملي ۾ ڪري ٿو؟ يا ڇا انهن مان هڪ معاملو اصل مقصد ۽ نصيب العين آهي ۽ ٻيو مقصد ناهي صرف ضمني طور درست ٿئي تہ ٺيڪ نہ تہ نهيو؟

قرآن شريف ۾ اسان کي اهڙا ڪئي مثال ملندا جن ۾ الله تعاليٰ دنيا ۾ انسان جي پاڻ ۾ معاملن جي خرابين، ڪمزورين ۽ غلطين ۽ ڪوتاهين کي درست ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. ۽ دنياوي معاملن جي اهڙين غلطين ۽ ڪوتاهين تي الله طرفان ڏنل حڪمن ۽ هدايتن تي عمل نہ ڪرڻ تي سخت تنبيهہ ڪئي آهي ۽ ان کي ڪتاب جي هڪ حصي ڪان انڪار جي برابر قرار ڏنو آهي ۽ ان تي دنيا ۽ آخرت ۾ سخت عذاب جو دڙڪو ڏنو آهي. مثال سورت بقره جي آيت نمبر 83، 84، 85 ۽ 86 ڏسو.

وَ اِذۡ اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ لَا تَعۡبُدُوۡنَ اِلَّا اللّٰهَ وَبِالۡوَالِدَيۡنِ اِحۡسَانًا وَّذِى الۡقُرۡبٰى وَالۡيَتٰمٰى وَالۡمَسٰكِيۡنِ
وَقُوۡلُوۡا لِلنَّاسِ حُسۡنًا وَّاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّکٰوةَ ثُمَّ تَوَلَّيۡتُمۡ اِلَّا قَلِيۡلًا مِّنۡکُمۡ وَاَنۡتُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿٨٣﴾ وَاِذۡ اَخَذۡنَا
مِيۡثَاقَكُمۡ لَا تَسۡفِكُوۡنَ دِمَآءَكُمۡ وَلَا تُخۡرِجُوۡنَ اَنۡفُسَكُمۡ مِّنۡ دِيَارِكُمۡ ثُمَّ اَقۡرَرۡتُمۡ وَاَنۡتُمۡ تَشۡهَدُوۡنَ ﴿٨٤﴾ ثُمَّ اَنۡتُمۡ
هٰٓؤُلَآءِ تَقۡتُلُوۡنَ اَنۡفُسَكُمۡ وَتُخۡرِجُوۡنَ فَرِيۡقًا مِّنۡكُمۡ مِّنۡ دِيَارِهِمۡ تَظٰهَرُوۡنَ عَلَيۡهِمۡ بِالۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ وَاِنۡ يَّاۡتُوۡكُمۡ
اُسٰرٰى تُفٰدُوۡهُمۡ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيۡكُمۡ اِخۡرَاجُهُمۡ اَفَتُؤۡمِنُوۡنَ بِبَعۡضِ الۡكِتٰبِ وَتَكۡفُرُوۡنَ بِبَعۡضٍ فَمَا جَزَآءُ مَنۡ
يَّفۡعَلُ ذٰلِكَ مِنۡكُمۡ اِلَّا خِزۡىٌ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَيَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يُرَدُّوۡنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الۡعَذَابِ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا
تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٨٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ اشۡتَرَوُا الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا بِالۡاٰخِرَةِ فَلَا يُخَفَّفُ عَنۡهُمُ الۡعَذَابُ وَلَا هُمۡ يُنۡصَرُوۡنَ ﴿٨٦﴾

۽ جڏهن اسان بني اسرائيل کان عهد ورتو، تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو، والدين، مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن سان سهڻي هلت هلو. نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو. ان ڪانپوءِ اوهان مان ٿورن کان سواءِ ٻيا ان کان ڦري ويا ۽ اوهان منهن موڙيندڙ آهيو.

۽ جڏهن اسان اوهان کان عهد ورتو، تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو رت نہ وهائجو، هڪ ٻئي کي پنهنجي گهرن مان نہ ڪڍجو! پوءِ ان جو اوهان اقرار ڪيو ۽ اوهان ان جا شاهد آهيو. ۽ پوءِ اوهان اهي ساڳيا ئي آهيو جيڪي پنهنجن جو قتل ٿا ڪيو ۽ پنهنجي ئي هڪ گروهہ کي انهن جي گهرن مان ڪڍو ٿا، انهن سان زيادتي ۽ دشمني جو مظاهرو ٿا ڪريو ۽ جيڪڏهن اهي اوهان وٽ قيدي ٿي اچن ٿا تہ انهن جو فديو ٿا ڏيو حالانڪ انهن کي گهرن مان ڪڍڻ ئي اوهان تي حرام آهي.

ڇا اوهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان آڻيو ٿا ۽ هڪ حصي جو ڪفر (انڪار) ٿا ڪريو، اوهان مان جيڪي اهو ڪم ڪن ٿا ان جو بدلو، دنيا جي حياتيءَ ۾ خواريءَ کان سواءِ



ٻيو ڪجھ بہ ڪونهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي سخت عذاب ڏانهن موٽايا ويندا. اهي ئي اهي ماڻهو آهن جن آخرت جي عيوض دنيا جي حياتي خريد ڪئي آهي.

هنن آيتن ۾ ڏسبو تہ اهل ڪتاب ڪان الله جن ڳالهين جو عهد ورتو، تن ۾ الله جي عبادت ۽ نماز جو قيام عبادت جا معاملا آهن، باقي جن بہ معاملن جو عهدو ورتو ويو آهي، تن جو تعلق انساني معاملن سان آهي. جهڙوڪ: والدين، مٽن مائٽن ۽ مسڪينن سان سهٽو سلوڪ ڪرڻ، پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو رت وهائڻ ۽ هڪ ٻئي جي گروهن کي انهن جي آبادين مان جلاوطن ڪرڻ، هي سڀ انساني معاملات سان تعلق رکندڙ ڳالهيون آهن. جن جي اهل ڪتاب الله سان عهد ڪرڻ ڪان پوءِ خلاف ورزي ڪئي.

**ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ جو انڪار:**

هن آيت ۾ عبادت ۽ نماز ڪان علاوه جن ڳالهين بابت بني اسرائيل ڪان عهد ورتو ويو آهي، تن مان اهل ڪتاب جن ڳالهين ۾ عهد ٽوڙيو ۽ الله جي عهد جي خلاف ورزي ڪئي، سي ڳالهيون نماز ۽ عبادت سان تعلق رکندڙ ناهن. اهي ڳالهيون جن ۾ بني اسرائيل عهد جي خلاف ورزي ڪئي آهي سي انساني معاملات سان تعلق رکن ٿيون جهڙوڪ اهي هڪ ٻئي جو رت وهائن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي گهرن ڪان بي گهر ڪن ٿا. هڪ ٻئي جي خلاف دشمني ۽ ڏوھ ڪن ٿا. اهو عمل انهن مٿان الله حرام ڪيو آهي. هنن آيتن ۾ انهيءَ عمل جي ترديد ڪئي وئي آهي.

ڇا اهي نماز ۽ عبادت ۾ ڪوتاهي نہ ڪندا هئا؟ شايد ان معاملي ۾ انهن جي ڪوتاهي اهڙي درجي جي نہ هئي جو الله هنن آيتن ۾ انهن جي ان ڪوتاهيءَ تي انهن کي تنبيهہ ڪري! انهن جي هڪ ٻئي جي رت وهائڻ ۽ هڪ ٻئي کي گهرن مان ڪڍڻ جي ڪوتاهي ۽ نافرماني ان حد کي پهتي هئي، جو الله هنن آيتن ۾ انهن جي انهيءَ نافرمانيءَ جو ذڪر ڪيو. ان تي تنبيهہ فرمائي ۽ ان رويي کي الله جي ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ ڪان ڪفر ڪرڻ برابر قرار ڏنو.

شايد اهي اڄ ڪلھ جي اسان واري حالت جو وڃي شڪار ٿيا هئا، جو الله جي عبادت ۽ نماز وغيره پڙهي پاڻ کي الله وارو بہ ثابت ڪري وٺندا هئا. ۽ خود غرض مفادن جي معاملي ۾ الله جي حڪمن کي اورانگهي هڪ ٻئي جو رت وهائڻ ۽ هڪ ٻئي کي بي گهر ڪرڻ ڪان بہ نہ مڙندا هئا.

شايد اهڙي خود خياليءَ جو شڪار ٿيا هجن جو عبادت ۽ نماز کي اصل مقصد ۽ نصب العين سمجهندا هجن ۽ هڪ ٻئي سان معاملات وارن حڪمن کي ٻي مقصد ۽ ضمني چوندا هجن !! يا شايد زبان سان ائين نہ چوندا هجن تہ انهن جي عملي روش ۽ زبان حال اهي ٻڌائيندا هجن، تڏهن الله تعاليٰ انهن جي اهڙي روين کي ”ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ حصي ڪان ڪفر“ جي برابر قرار ڏنو ۽ تنبيهہ ڏيندي فرمايو: ”ڇا اوهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ٿا آڻيو ۽ هڪ حصي جو ڪفر (انڪار) ٿا ڪريو“

**ان جو نتيجو:**

الله جي عهد کي ٽوڙڻ ۽ ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ جو انڪار ڪرڻ جو نتيجو ڪهڙو نڪرڻو آهي. الله ان جو نتيجو ٻڌايو آهي دنيا جي حياتيءَ ۾ خواري ۽ آخرت ۾

سخت عذاب اڪثر ديني معاملن ۾ جزا ۽ سزا کي آخرت سان جوڙيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته اهو تصور ڪيو ويندو آهي، ته ديني احڪامن تي عمل صرف آخرت سنوارڻ لاءِ هوندو آهي. ديني احڪامن مان دنيا سڌارڻ مقصد ئي نه هوندو آهي. تنهن ڪري ظاهر آهي ته ديني عملن جو نتيجو به دنيا ۾ نه ڏنو ويندو آهي، ان جي نتيجي لاءِ آخرت جو ئي انتظار ڪيو ويندو آهي. پر هن آيت ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته دنياوي معاملات ۾ الله جي حڪمن جي نافرماني دنيا ۾ خواري ۽ آخرت ۾ عذاب جو سبب بنجي ٿي. الله تعاليٰ يهودين (بني اسرائيل) جي مثال، الله جي آيتن جي انڪار ۽ نافرمانيءَ ۾ حد لنگهي وڃڻ جي ڪري هڪ هنڌ ذلت ۽ مسڪنت جي سزا جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي:

وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ۚ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ۗ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۗ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٦١﴾ (البقره : 61)

”۽ انهن تي ذلت، بربادي، گهٽيا ۽ پست حالت مسلط ڪئي وئي آهي ۽ انهن الله جو غضب خريد ڪري ورتو آهي. اهو ان ڪري ته اهي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا. ۽ انهن نافرماني ڪئي ۽ اهي حد ٽپي ويا هئا.“

بني اسرائيل کي دنيا ۾ الله عزت، غلبو ۽ فضيلت به عطا ڪئي. جڏهن الله جي حڪمن جي نافرماني ڪيائون ته الله جي غضب کي دعوت ڏنائون. الله انهن کي ذلت، زوال، خواري، بربادي ۽ تباهي جي سزا ڏني. آخرت ۾ سزا جو معاملو الڳ آهي. هيءَ صرف دنياوي سزا آهي. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ بني اسرائيل کي ٻه دفعا فساد ڪرڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ شڪست ۽ برباديءَ جو ذڪر ڪيو آهي هڪ بربادي ۽ شڪست انهن کي بابلين ۽ آشورين جي هٿان نصيب ٿي. بابل ۽ نينوا جي بادشاهه بخت نصره 586 ق م ۾ يروشلم تي ڪاهه ڪئي. ۽ بني اسرائيل کي برباد ڪري ڇڏيائين. وري هنن پاڻ سنڀاليو، عزت حاصل ڪئي. الله کين خوشحالي ۽ غلبو عطا ڪيو. پر وري جڏهن سندن پرڪار خراب ٿيا ته سن 70ع ۾ رومي شهنشاهه ٽائيٽس متن ڪاهي آيو ۽ ساڳيءَ طرح کين برباد ڪيائين. هي ٻئي ڀيرا شڪستون ۽ بربايون، جيڪي بني اسرائيل کي پلئي پيون، سي الله تعاليٰ جي انهن طرفان نافرمانيءَ جو نتيجو هيون. يعني ٻه ڀيرا انهن جو سياسي زوال ۽ شڪست الله جي طرفان نافرمانيءَ جي سزا هئي. ان جو الله قرآن ۾ هن طرح ذڪر ڪيو آهي:

وَقَضَيْنَآ اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ فِى الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِى الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَلَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا ﴿٤﴾ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰىهُمَا بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّيَارِ ۭ وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا ﴿٥﴾ ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا ﴿٦﴾ اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ ۣ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ۭ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْۗءٗا وُجُوْهَكُمْ وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّلِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا ﴿٧﴾ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ ۚ وَاِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا ۘ وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ﴿٨﴾ (بني اسرائيل: 4، 8)

اسان ڪتاب ۾ بني اسرائيل کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪيو ته اوهان زمين ۾ ٻه ڀيرا فساد ڪندؤ ۽ تمام وڏو ظلم ڪندؤ. جڏهن انهن جو پهريون واعدو آيو ته اسان اوهان تي پنهنجا خوفناڪ ٻانها موڪليا ته اهي گهرن ۾ گهڙي پيا ۽ واعدو پورو ٿيو. پوءِ اسان اوهان کي انهن تي وارو ڏنو. اوهان کي مال ۽ اولاد سان مدد ڏنيسين. ۽ اوهان کي وڏي جماعت بنايوسين.



جيڪڏهن چڱو ڪندؤ ته پنهنجي لاءِ چڱو ڪندؤ. ۽ جيڪڏهن برائي ڪندؤ ته به پنهنجي لاءِ ڪندؤ. پوءِ جڏهن پويون واعدو آيو، ته (اسان ساڳيءَ طرح اوهان تي پنهنجا ٻانها مسلط ڪيا) ته اوهان جا چهرا بگاڙي ڇڏين. ۽ مسجد ۾ ائين داخل ٿين جيئن پهريائين داخل ٿيا هئا. ۽ هن لاءِ ته جنهن تي غالب ٿين تنهن کي برباد ڪن. اوهان جو رب اوهان تي رحم ڪري، سو پري ناهي، پر جيڪڏهن وري ساڳي ڪار ڪندؤ ته اسان به اهوئي ڪنداسين. ۽ جهنم کي ڪافرن لاءِ اسان جيل خانو بنايو آهي.“

يعني فساد، فتني ۽ نافرمانيءَ جي نتيجي ۾ ٻه دفعا شڪست، ذلت ۽ تباهي ملي. نافرمانيءَ ظلم ۽ فساد ڪان مڙيا ته الله کين غلبو، عزت ۽ قوت ڏني. هيءُ دنياوي غلبو ۽ دنياوي زوال دين جي مثان عمل جا نتيجا آهن. هن مان ثابت ٿيو ته دنيا ۾ اجتماعي طور انساني معاملات بابت الله جي حڪمن تي عمل جي نتيجي ۾ مادي ۽ دنياوي بهتريءَ جا نتيجا ملندا، سياسي استحڪام ۽ غلبو نصيب ٿيندو يي صورت ۾ دنياوي بربادي، سياسي عدم استحڪام ۽ غلامي پلئي پوندي.

الله تعاليٰ دنياوي بهتري جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ئي دنياوي معاملات جي سلسلي جا حڪم ۽ هدايتون ڏنيون آهن. جن تي عمل جي نتيجي ۾ الله دنياوي غلبو عزت ۽ آجپو عطا ڪرڻ گهري ٿو. اهو الاهي ديني تعليم جو اهم حصو آهي. ان کان انڪار ڪرڻ الله جي ڪتاب جي هڪ حصي جو انڪار ڪرڻ برابر آهي.

---


## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- **قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو**
- **قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو**
- **عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو**
- **امام شاهه ولي الله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو**

الحمدلله 2 سالن ڪان سڄي ملڪ جي ڪندڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهه ولي الله ﷺ جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نه صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد به حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان به قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097

**مولانا محمد تقي اميني**
**سنڌيڪار: احمدالدين شر**

# ذاتي مفادن جي مٿان گڏيل مفاد جي ترجيح

نبوي دؤر ۾ فتح ڪيل زمينن جو انتظام عام ڀلائي جي بنياد تي ڪيو ويو، جنهن ۾ ذاتي مفادن تي اجتماعي مفادن کي ترجيح ڏني وئي هئي. ان ڪان سواءِ رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ جتي به فتح ٿيندي هئي، اتان جي زمينن جو انتظام پاڻ ﷺ جن عام ڀلائي کي نظر ۾ رکندي ڪندا هئا. انهيءَ لاءِ پاڻ ايراضيءَ جي تنظيم ۽ ورهاست اهڙي صورت ۾ ڪيائون جيڪا سڀ ڪان وڌيڪ عمدي ۽ سهڻي هئي. سندن سامهون ڪنهن خاص طبقي جو مفاد نه پر خلق خدا جي عام ڀلائي جو مفاد هيو. سندن نظر ۾ ملڪيت جي حيثيت رڳو استعمال ۽ فائدو وٺڻ واري حق ڪان وڌيڪ ڪجهه به نه هئي ۽ اها به ان وقت تائين ورهاست جوڳي هئي جيستائين عام ڀلائي جي معاملي ۾ اها ڪا به رڪاوٽ پيدا نه ڪري نه ڪنهن جي حق تلفيءَ جو سبب بنجي.

پاڻ جيڪو نظام قائم ڪيائون ان ۾ نه ملڪيت جي اوٽ ۾ ظلم ۽ زيادتي جي گنجائش هئي ۽ نه وري جماعتي ڪوڙڪي ۾ انسانن کي اهڙو جڪڙيو ٿي ويو جو هو آزاديءَ سان پنهنجي صلاحيتن کي وڌائي پنهنجي ضمير جي پختگي کي به قائم نه رکي سگهن. هر ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي ضرورت ۽ صلاحيت موجب ڪنهن خصوصيت ۽ ترجيح ڪان سواءِ فائدو وٺڻ جا ذريعا ۽ موقعا هڪجهڙا موجود هئا.

پاڻ اهڙو ته ماحول ٺاهي ڇڏيائون جيڪو رحمت، ڀائپي، سماجي هڪجهڙائي (مساوات)، امانتداري، ايثار ۽ قرباني جو هڪ مڪمل ۽ عمدو نمونو هو. انهيءَ ڪري ئي سندن حڪمراني رڳو جسمن تي ئي نه پر دل ۽ دماغ تي به هئي. سندن حڪمرانيءَ جي پکيڙ دنيا جي ڪنهن خاص علائقي تائين محدود ڪانه هئي، پر دليون ۽ دماغ به انهيءَ حڪمرانيءَ جي حلقي ۾ شامل هئا. دنيا مڃي يا نه، پر اها هڪ اڻ ٽر حقيقت آهي ته پاڻ ﷺ جن جو پيش ڪيل قانون اڄ به حاڪمن ۽ عدالتن تي حڪمراني ڪري رهيو آهي ۽ مذهب ۽ قومي فرق ڪان سواءِ عام ۽ خاص سڀني مٿان هڪ ئي طريقي سان جاري آهي. پاڻ ﷺ جن ڪان پوءِ دنيا ۾ جيتريون به اصلاحي ڪوششون ٿيون آهن، سي سڀ پاڻ ﷺ جن جي ڪوششن جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه آهن.

اڄ دنيا "مقصد" کي ڇڏي ملڪيت جي هجڻ ۽ نه هجڻ جي بحث ۾ ڦاٿل آهي. انفرادي، اجتماعي، عارضي ۽ دائمي جي ڳنڍين کي کولڻ ۾ نهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهي آهي. جڏهن ته اڄ کان سوين سال اڳ واري "غير ذي ذرع" (برپٽ بيابان) مان پوري دنيا کي جيڪو پيغام ڏنو ويو هو، ان ۾ انهيءَ مسئلي کي تمام ئي عمدگيءَ سان سلجهايو ويو آهي ته هر شيءِ جو حقيقي مالڪ الله تعاليٰ جي ذات برحق آهي ۽ پيداواري ذريعن تي به عام ڀلائي واري اصول تحت سڀني جو هڪجهڙو حق آهي، نه ڪ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو. انسان جي حيثيت فقط هڪ "امين" جي آهي، جنهن ڪري ڪيس انهن پيداواري ذريعن کي صرف استعمال ڪرڻ ۽ فائدو وٺڻ جو حق ڏنو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن مسيلمه ڪذاب رسول الله ﷺ جن ڪان اڌ دنيا تي پنهنجي حڪومت جي گهر ڪئي هئي تڏهن پاڻ ﷺ جن ڪيس جواب فرمايو هو:

فان الارض لله يورثها من يشآء من عباده والعاقبة للمتقين



"زمين اصل ۾ الله تعاليٰ جي آهي. تنهن لاءِ پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهيندو آهي ته ان جو وارث ڪندو آهي ۽ سٺو انجام ۽ ڪاميابي رڳو الله ڪان ڊڄندڙن جي لاءِ آهي."

هڪ ٻئي موقعي تي پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ان الارض ارض الله والعباد عباد الله من احياء الارض الميتة فهى له

"زمين الله جي زمين آهي ۽ ٻانها الله جا ٻانها آهن. پوءِ جيڪو ماڻهو غير آباد زمين کي آباد ڪندو، سا ان جي هوندي."

شاه ولي الله محدث دهلويؒ انهيءَ حقيقت کي هنن لفظن ۾ بيان فرمائي ٿو:

والارض كلها فى الحقيقة بمنزلة مسجد او رباط جعل وقفا على ابناء السبيل وهم شركاء فيه فيقدم الاسبق فالاسبق وحق الملك فى الاؤسى كونه احق بالانتفاع من غيره

"حقيقت هيءَ آهي ته سڀ جا سڀ زمين هڪ قسم جي مسجد يا مسافر خانو آهي، جيڪا مسافرن لاءِ وقف ٿيل هوندي آهي ۽ سڀئي ماڻهو ان ۾ هڪجهڙا شريڪ هوندا آهن. انهيءَ ڪري هر اڳ ۾ آيل کي بعد ۾ آيل تي ترجيح ڏني ويندي آهي. زمين تي ماڻهوءَ جي ملڪيت جي حق جو مطلب رڳو اهو آهي ته ان مان حاصل ٿيندڙ نفعي تي ٻين جي نسبت وڌيڪ حق ان جو آهي جيڪو ان جو ڪيڙيندڙ آهي."

رسول الله ﷺ جن ڪان پوءِ خلافت جون واڳون جڏهن خلفاءِ راشدين جي هٿ ۾ آيون ته انهن به زمين جو انتظام قرآني آيتن ۽ سيرت رسول ﷺ جي پيش نظر عام ڀلائي کي لحاظ ۾ رکندي ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو خلافت واري دؤر جي فتحن ۽ اتان جي انتظامن ۽ مذهب ۽ قوميت جي فرق ڪان سواءِ سڀني جي حقن ۾ هڪجهڙائي کي ڏسي هيءُ فيصلو ڪرڻ سؤلو ٿي وڃي ٿو ته اسلام ۾ ذاتي ۽ انفرادي مفاد تي عام ڀلائي کي ڪيئن ترجيح ڏني وئي آهي. هيٺ اسان ان کي ڪجهه تفصيل سان بيان ڪريون ٿا.

عراق ۽ شام کي فتح ڪرڻ ڪان پوءِ زمين ۽ حاڪميت جي انتظامن بابت مشورو ٿيو. مجلس شوريٰ ۾ عبدالرحمان بن عوفؓ، حضرت بلالؓ ۽ انهن جي هم خيال ماڻهن جي راءِ هئي ته هيءَ زمين فوجين ۾ ورهائي وڃي، جيئن پاڻ ﷺ جن خيبر جو ڪجهه حصو فوجين کي ورهائي ڏنو هو. امير المؤمنين حضرت عمرؓ جن جي راءِ انهن ڪان مختلف هئي. سندس مرضي اها هئي ته اها زمين خلافت جي انتظام هيٺ، اتان جي اصل رهاڪن وٽ ئي رهي. مجلس شوريٰ جي ٻين ميمبرن، جن ۾ حضرت عليؓ، حضرت ابن عمرؓ، حضرت طلحهؓ، حضرت معاذ بن جبلؓ، حضرت عثمانؓ وغيره جهڙا اڪابر صحابه شامل هئا، تن سڀني جي راءِ پڻ حضرت عمر جي راءِ سان موافقت ۾ هئي.

آخر ڪار وڏي غور ۽ خوض ڪان پوءِ مجلس شوريٰ ۾ اهو فيصلو ٿيو ته عام ڀلائي جي خيال ڪان اها زمين، خلافت جي نگراني هيٺ اصل رهاڪن وٽ ئي رهندي ۽ فوجين کي ورهائي نه ڏني ويندي.

انهيءَ فيصلي ڪان پوءِ جنهن به علائقي جا رهواسي اسلامي رحمت کي قبول ڪري مسلمان ٿي ويندا هئا، تن جي زمين جي تنظيم ۽ ورهاست جي باري ۾ عام قانون هيءُ ٿي پيو ته اهي به فتح ڪيل زمينن وانگر الله تعاليٰ جي ملڪيت قرار ڏنيون وينديون هيون ۽ خلافت جي نگراني هيٺ اتان جي رهاڪن وٽ ئي رهڻ ڏنيو وينديون هيون ۽ سرڪاري محصول ڪان سواءِ انهن ڪان ٻي ڪا به اوڳاڙي نه ڪئي ويندي هئي. عام قانون رسول الله ﷺ جن جي زبان ۾ هيءَ هو:

ان قوم اذا اسلموا احرزوا دماءهم و اموالهم

"جڏهن ڪير اسلام قبولي ٿو ته اهو پنهنجي جان ۽ مال کي محفوظ ڪري ٿو وٺي."

هيءُ قانون عرب توڙي عجم، سڀني جي زمينن لاءِ هڪجهڙو هو. ان ۾ منقوله ۽ غير منقوله سڀ

قسم جي ملڪيت شامل هئي.

قاضي ابو يوسف صاحب انهيءَ حقيقت کي واضح ڪندي چوي ٿو:

فان دماء هم حرام وما اسلموا عليه من اموالهم و كذالك ارضوهم لهم وهی ارض عشر بمنزلة المدينة حيث اسلم اهلها مع رسول الله ﷺ و كانت ارضهم ارض عشر و كذالك الطائف والبحران و كذالك اهل البادية اذا اسلموا على مياهم و بلادهم فلهم ما اسلموا عليه وهو فی ايديهم وليس لاحد من اهل القبائل ان يبنی فی ذالك شيئا يستحق به منه شيئاً ولا يحفر فيه بيراً يستحق به شيئاً وليس لهم ان يمنعوا الكلاء ولا يمنعوا الدعاء ولا المواشی من الماء ولا حافراً و لا خفا فی تلك البلدة و ارضهم ارض عشر ه يخرجون عنها فيها

بعد ويتوارثونها و يتبايعونها (الخراج، ص:63)

جنهن زمين جا رهاڪو اسلام قبول ڪري وٺن، تن جو خون حرام آهي. اسلام قبولڻ وقت جيڪو مال انهن وٽ هوندو هو سو انهن وٽ ئي رهندو. اهڙي طرح زمينون بہ انهن جون ئي رهنديون ۽ اهي زمينون عشري هونديون جيئن مديني جي رهاڪن اسلام قبوليو تہ اهي سيئي شيون انهن وٽ ئي رهڻ ڏنيون ويون هيون ۽ جيئن طائف ۽ بحرين جي ماڻهن لاءِ بہ اهڙو ئي فيصلو ڪيو ويو هئو. اهڙيءَ طرح بدوين مان بہ جن ماڻهن اسلام قبوليو هو تن کي سندن پنهنجا چشما ۽ علائقا انهن لاءِ ئي ڇڏيا ويا. قبيلي وارن مان ڪنهن کي بہ اجازت نہ هئي تہ هو انهن شين مان اهڙيءَ طرح تصرف ڪن جو هو انهن شين جا حقدار بنجي وڃن ۽ نہ انهن مان ڪنهن کي اجازت کان سواءِ کوهہ کوٽڻ جو اختيار هو جو ائين ڪري هو ڪجهہ حصي جا حقدار بنجي وڃن. باقي انهن مان ڪنهن کي گاهہ کان منع ڪرڻ جائز نہ هو ۽ اهڙيءَ ئي طرح ڏنارن کي مال پاڻي پيئارڻ کان روڪڻ جائز نہ آهي. انهن جون زمينون عشري هونديون. ان کان پوءِ بہ انهن کان واپس ورتي نہ وينديون. ان ۾ وراثت جاري رهندي ۽ هو انهن کي خريد ۽ وڪرو ڪري سگهندا.

قاضي صاحب اڳتي هلي لکن ٿا:

وكذلك كل بلاد اسلم عليها اهلها فهی لهم وما فيها (الخراج، ص:63)

اهڙن ئي علائقن جا ماڻهو اسلام قبول ڪن تہ انهن جون زمينون ۽ سيئي شيون (اڳ وانگر) انهن جون ئي رهنديون.

امام ابو عبيدهؒ چوي ٿو:

”جنهن زمين جا رهاڪو اسلام قبول ڪن تہ سندن زمين سندن ئي ملڪيت ۾ رهندي ۽ کين عشر کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڏيڻو نہ پوندو.“ (الاموال، ص:512)

اڳتي هلي وري چوي ٿو:

كل ارض اسلم عليها اهلها فهم مالكون لورقابها كالمدينة والطائف واليمين والبحرين (الاموال، ص:512)

”جنهن زمين جا رهاڪو اسلام قبول ڪري وٺن تہ اهي پنهنجي زمين جا مالڪ هوندا. (ضبط نہ ڪئي ويندي ۽ کين ان مان فائدو وٺڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو حق رهندو) جيئن مديني، طائف، يمن ۽ بحرين وغيره ۾ ائين ئي ڪيو ويو هو.“

مطلب تہ خلافت واري زماني ۾ زميني ملڪيت جي انتظام جي صورت اها ئي هئي پوءِ پلي اها غلبو ۽ فتح حاصل ڪرڻ وارن ملڪن جي رهاڪن جي هجي يا انهن ماڻهن جي هجي جن سان پهريان کان ئي کو ناهہ ڪيو ويو هجي ۽ پوءِ بعد ۾ انهن اسلام جي حقانيت ۽ صداقت ڏسي اسلام قبوليو هجي.

مسلمان هجڻ جي حيثيت ۾ جيئن تہ ذميداري وڌي وڃي ٿي، انهيءَ ڪري اهي ماڻهو يا تہ پاڻ ئي پنهنجون زمينون ڪڏهن خلافت جي حوالي ڪندا هئا ۽ ڪڏهن خلافت کان وٺندا بہ هئا. ان کان سواءِ مسلمانن جي زمين جي باري ۾ هڪ ٻي ڳالهہ بہ تمام ئي ڌيان طلب آهي. اها هيءَ تہ حقيقت ۾ اسلام جو بنيادي مقصد هڪ اهڙي صالح جماعت تيار ڪرڻ آهي، جنهن جو نصب العين ٻين جي لاءِ رحمت جو



ماحول پيدا ڪرڻ آهي، پوءِ انهيءَ لاءِ ڀلي کيس جان ۽ مال ئي ڇو نہ قربان ڪرڻو پوي.

ظاهر آهي تہ اها ڳالهہ ايستائين ناممڪن آهي جيستائين انهن جي دلين مان ذاتي نفعي ۽ عيش عشرت جو ٻوتو ڪڍي انهن ۾ قربانيءَ جو جذبو پيدا نہ ڪيو وڃي. عام طرح ٿيندو ائين آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن اقتدار واري جماعت ۾ ڪو فرد داخل ٿيندو آهي تہ ان کي هر قسم جو جائز ۽ ناجائز رعايتون ڏنيون وينديون آهن ۽ ان جي ڏاڍاين تي پردو وڌو ويندو آهي ۽ ان کي ايتري تہ ڍر ڏنل هوندي آهي جو هو ٻين جا حق ماري عيش ڀيو ڪندو آهي. پر اسلامي جماعت ۾ داخل ٿيڻ واري کان الله تعاليٰ جي رضا لاءِ هر شيءِ کي وقف ڪري ڇڏڻ جو عهد ورتو ويندو آهي ۽ ڪانئس پاڻ کي فنا ڪري ٻين لاءِ بقا جو سامان مهيا ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري ئي هڪ مسلمان جي ملڪيت ۾ خلافت پنهنجا اختيار، ٻين ماڻهن جي نسبت وڌيڪ استعمال ڪري ٿي. ڪڏهن ترغيب جي صورت ۾ تہ ڪڏهن قانون جي صورت ۾، جيئن اسلام جي تاريخ ۾ ان جا ڪيترائي مثال ملن ٿا تہ ڪيئن مسلمانن پنهنجون ملڪيتون خلق خدا جي عام ڀلائيءَ لاءِ خلافت جي حوالي ڪري ڇڏيون يا وري خلافت انهن کان ضرورت جي وقت ۾ قانون جي ذريعي وٺندي هئي. ان جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1. اسلام جي شروعاتي دؤر ۾ مديني جي مسلمان رهاڪن پنهنجون زمينون پاڻيءَ جي ڏکيائيءَ جي ڪري ۽ عام ڀلائيءَ جي خيال کان رسول الله ﷺ جن جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون تہ جيئن پاڻ ڀلي جنهن لاءِ گهرن تنهن کي ڏئي ڇڏين.

انهيءَ واقعي بابت حضرت عبد الله بن عباسؓ چوي ٿو تہ:

ان رسول الله لما قدم المدينة جعلوا له كل ارض لا يبلغها الماء يصنع بها ما يشاء (الاموال، ص: 282)

”رسول الله ﷺ جن جڏهن مديني پهتا تہ مديني وارن هر اها زمين، جنهن ۾ پاڻي جو پهچڻ ڏکيو هو، سندن حوالي ڪري ڇڏي ۽ سندن مرضيءَ تي ڇڏيو تہ پاڻ ﷺ جن جيئن مناسب سمجهن تيئن ڪن.“

زمين ملڻ کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ کي وڌ کان وڌ فائديمند بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ ابو عبيدهؓ جي راءِ موجب پاڻ انهيءَ زمين مان حضرت بلال بن حارثؓ ”قطيعہ“ عطا فرمايو:

2. خالص زمين جو ڪجهہ ٽڪرو حضرت عمرؓ قوم بجيلہ وارن کي ڏنو هئو. ٻن ٽن سالن تائين انهن ماڻهن انهيءَ زمين کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو، پر جڏهن خلافت عام ڀلائي جي خيال کان ان کي واپس وٺڻ چاهيو، تہ انهن ماڻهن بغير ڪنهن چون چران جي اها زمين خلافت جي حوالي ڪري ڇڏي. ان قصي جو تفصيل هن طرح آهي:

قيس بن حازم چوي ٿو تہ، جنگ قادسيہ (جيڪا ايرانين سان ٿي هئي) جي ڏينهن اسلامي فوج ۾ بجيلہ قوم جا ماڻهو چوٿائي هئا. حضرت عمرؓ کين سوار جو چوٿون حصو ڏئي ڇڏيو هئو. ٻن يا ٽن سالن تائين زمين سندن قبضي ۾ رهي. هڪ دفعي ڪنهن ضرورت پوڻ تي انهيءَ قبيلي جا ڪجهہ ماڻهو حضرت عمر بن ياسرؓ ۽ جزير وغيره سان گڏجي حضرت عمرؓ وٽ آيا. اتي حضرت عمرؓ کين چيو تہ توهان ماڻهو انهيءَ زمين کي خلق خدا جي عام ڀلائي واسطي خلافت جي حوالي ڪريو. انهيءَ تي انهن ماڻهن فوراً حڪم جي تعميل ڪئي ۽ زمين خلافت جي حوالي ڪري ڇڏي. انهيءَ کان پوءِ حضرت عمرؓ جزير کي سرڪاري خزاني مان اسي (80) دينار عطا فرمايا.

جڏهن انهيءَ واقعي جي خبر بجيلہ قوم جي هڪڙي عورت ”ام ڪرز“ کي پئي تہ ان پنهنجي حصي جي زمين ڏيڻ کان ڪجهہ ڪيٻايو ۽ حضرت عمرؓ وٽ اچي عرض ڪيائين:

يا امير المؤمنين! ان ابي هلک وسهم ثابت في السواد واني لم اسلم فقال لها يا ام كرز ان قومک قد صنعوا ما قد علمت فقالت ان كانوا قد صنعوا ما صنعوا فاني لست اسلم حتي تحملني علي

ناقة ذلول عليها قطيفة حمواء و تملا كفي ذهبا قال ففعل عمر ذالک فكانت الدنيار نحوا من ثمانين دينارا (الاموال، ص:61،62)

”اي امير المؤمنين! منهنجو پيءُ فوت ٿي ويو آهي. سواد جي زمين ۾ ان جو به حصو هئو. (جيڪو ميراث ۾ مونکي مليو آهي) مان اهو ڪڏهن به واپس نه ڪنديس. حضرت عمرؓ چيس ته اي ام ڪرز! تنهنجي قوم ته بغير ڪنهن چون چران جي زمين واپس ڪري ڇڏي ۽ انهيءَ ڳالهه جي توکي ته چڱيءَ طرح خبر به آهي (پوءِ تون ڇو ٿي انڪار ڪرين؟ تنهن تي) هن جواب ڏنو ته قوم وارن جيڪو ڪجهه ڪيو، منهنجو ان سان ڪو به واسطو نه آهي. مان ان وقت تائين (اها زمين) واپس نه ڪنديس جيستائين توهان مون کي هڪ فرمانبردار ڏاچي نه ڏيو، جنهن جي مٿان ڳاڙهي رنگ جي گرم چادر پيل هجي ۽ پئسي ڏوڪڙ سان منهنجون مُٺيون ڀري نه ڏئين. حضرت عمرؓ ائين ئي ڪيو ۽ ڪيس جيڪي روڪ پئسا ڏنا ان جو تعداد به اسي دينار کي پهچي ويو.

انهيءَ واقعي مان هيءَ حقيقت چٽي ٿي وڃي ٿي ته عام پلائي جي خيال سان خلافت جڏهن چاهي، مسلم رهاڪن کي بي دخل ڪري سندن زمينون وٺي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح هيءَ ڳالهه به نروار ٿي وڃي ٿي ته انهيءَ صورت ۾ هر ماڻهوءَ جي ذاتي مفاد جو خيال رکڻ به ضرور آهي ته جيئن اجتماعي مفادن سان گڏ ڪنهن جا ذاتي حق به نه لتاڙجي وڃن.

انهيءَ واقعي مان هيءَ ڳالهه لازمي طرح ثابت نٿي ٿئي ته خلافت جي طرفان زمين جي مالڪ کي جيڪو ڪجهه ڏنو ويو انهيءَ جي حيثيت معاوضي جي هجي يا حضرت عمرؓ جيڪو ڪجهه جزيرؓ ۽ ام ڪرز کي ڏنو هو، ان جي حيثيت معاوضي جي هئي، جنهن جي بنياد تي اهو چيو وڃي ته جڏهن عام پلائي جي خيال کان اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ته خلافت کي معاوضي کان سواءِ زمين وٺڻ جو اختيار نه آهي. اهڙيءَ طرح اها حقيقت به چٽي نٿي ٿئي ته خلافت جي طرفان ان قسم جا جيڪي به قبضا ورتا وڃن، تن ۾ زمين جي مالڪ جي رضامندي ضروري آهي. جيئن هيٺ ڏنل تفصيل مان معلوم ٿئي ٿو:

ابو عبيدهؒ چوي ٿو:

”ماڻهو فتح ڪيل زمين کي اصلي رهاڪن وٽ ئي رهڻ ۾ فوجين جي رضامندي کي ضروري سمجهندا آهن. (امام شافعيؒ جو اهو خيال آهي) هيءُ واقعو انهن جي لاءِ ڪيئن ٿو دليل بنجي سگهي. جڏهن ته ان جهڙا واقعا عراق ۽ شام جي فتح ۾ اصل رهاڪن وٽ زمين کي رهڻ ڏنو وڃڻ جي باري ۾ حضرت بلالؓ وغيره جڏهن حضرت عمرؓ جي مخالفت ڪئي ۽ زمين کي فوجين ۾ ورهائڻ لاءِ زور ڏنو تڏهن پاڻ انهن سيني بابت فرمايو هئائون: ”اللهم اکفينهم“ (اي الله تون ئي هنن لاءِ ڪافي آهين) انهيءَ وقت ۾ ڪهڙي انهن ماڻهن جي رضامندي مطلوب هئي (جنهن جي بنياد تي چئي سگهجي ته هتي به حضرت عمرؓ ام ڪرز کي راضي ڪرڻ گهري پيو ۽ ان جي راضپي کان سواءِ ان کي بيدخل ڪرڻ جو ڪيس حق ئي ڪونه هو.)

ابو بڪر حصاص بجيله قوم جو واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ چوي ٿو:

”انهي واقعي ۾ ان جي رضامندي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ڇو ته حضرت عمرؓ هيءَ ڳالهه چٽيءَ طرح چئي ڇڏي هئي ته زمين کي واپس ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نه آهي ۽ انهيءَ ۾ عام ماڻهن جي ڀلائي جو سوال آهي. باقي رهيو ام ڪرز عورت جو معاملو، ته انهيءَ کي جيڪا رقم حضرت عمرﷺ سرڪاري خزاني مان ڏني سا امداد جي طور تي ڏني. ڇو ته هونئين به خليفي کي اهو اختيار حاصل هو ته عورت جي قبضي ۾ آيل زمين کي واپس ڪرڻ کان سواءِ به ان کي سرڪاري خزاني مان امداد ڏئي.

اڳتي هلي چوي ٿو:

”بجيله قوم جي هن واقعي ۾ ان ڳالهه جو ڪو به دليل نه آهي ته اهي ماڻهو انهيءَ زمين جا مالڪ



هئا. ڇا ان ڳالهه جو امڪان نه آهي ته زمين بلڪل ورهائي ئي نه وئي هجي ۽ سڄي زمين اصلي رهاڪن وٽ ڇڏي وئي هجي ۽ ان جي بدران ڍل جي آمدنيءَ جو چوٿون حصو انهن جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو هجي. ان کان پوءِ عمر فاروقؓ جن اهو مناسب سمجهيو هجي ته انهيءَ چوٿين حصي واري قصي کي به ختم ڪري سڀ جو سڀ بخشش ڪيو وڃي ته جيئن اهي سڀئي ماڻهو برابر ٿي وڃن.

حصاصؒ جو اهو گمان اهڙو نه آهي، جنهن سان مسئلي جو رخ ئي ڦري وڃي. ڇو ته انهيءَ واقعي کي محققن تسليم ڪيو آهي ۽ ابو عبيده ته ان کي دليلن سان ثابت به ڪيو آهي. بهرحال عام ڀلائي جي خيال سان خلافت ان جي رضامندي ضروري آهي ۽ نه ان جو معاوضو ادا ڪرڻ لازمي آهي. ان سان گڏوگڏ ان جي ذاتي حقن جو خيال رکڻ به ضروري آهي ته ڪٿي اهڙي قبضي وٺڻ سان هن جي بنيادي حقن جي لتاڙ نه ٿئي.

حضرت عمرؓ پنهنجي دؤر خلافت ۾ مسلمانن کي زمين ۽ ملڪيت رکڻ ۽ ڪڙمت کان قانوني طرح منع ڪري ڇڏي هئي ۽ اهو اعلان ڪرايو هو ته جڏهن سيني ماڻهن جي ٻارن ٻچن کي به سرڪاري خزاني مان وظيفو ملي پيو ته انهن وٽ ڪو به سبب نه آهي جو هي ماڻهو انسانيت جي خدمت لاءِ حاضر نه هجن ۽ ڍڳن جي پڇ سان لڙڪيا پيا هجن.

علامه طنطاوي جوهري انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿو:

فلما کثرت الاموال في ايام عمرو وصنع الديوان فرض الرواتب للعمال والقضاة و منع اذخار المال و حرم على السلمين اقتناء الضياع والزراعة او المزارعة. لان ارزاقهم و ارزاق عيالهم تدفع لهم من بيت المال (نظام العالم والامم، ج2، ص:183-184)

حضرت عمرؓ جي دؤر خلافت ۾ جڏهن مال تمام گهڻو وڌي ويو تڏهن باقاعدگيءَ سان رجسٽر تيار ڪيا ويا. ماڻهن جا وظيفا مقرر ڪيا ويا. عاملن ۽ قاضين جون پگهارون مقرر ڪيون ويون. سرمايو جمع ڪرڻ کان منع ڪئي وئي. ڪڙمت پاڻ ڪرڻ يا ٻئي ڪنهن کان ڪرائڻ کان منع ڪئي وئي. اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري ڪيو ويو جو ماڻهن جو سندن ٻارن ٻچن سميت وظيفا مقرر ڪيا ويا هئا.

ڪڙمت وعيره کان جهل پل جي انهيءَ قانون ايتري حد تائين ترقي ڪري ورتي هئي جو جيڪڏهن ڪو غير مسلم اسلام قبول ڪندو هو ته انهيءَ جي سڄي غير منقوله ملڪيت ضبط ڪري علائقي جي غير مسلمانن ۾ ورهائي ويندي هئي ۽ انهن نئين مسلمان جي لاءِ سرڪاري خزاني مان وظيفو مقرر ڪيو ويندو هو.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته فاروق اعظمؓ جي انهيءَ فيصلي مان حڪومت الاهي جي خليفي جي ذميواريت ۽ مسلم جماعت جي طرز زندگيءَ جي خبر پوي ٿي.

حقيقت ۾ انهيءَ روڪ جو قانون انهيءَ ڳالهه جي بنياد تي ٻڌل هئو ته خليفو سمجهي پيو ته جيڪڏهن هي ماڻهو (مسلمان) زمين ۽ ملڪيت گڏ ڪرڻ جي چڪر ۾ لڳي ويا ته انهيءَ سان فساد ۽ ظلم جا دروازا کلي ويندا. مخلوق خدا جي خدمت جي بدران، (جيڪو انهن جي زندگيءَ جو حقيقي مقصد آهي) ٻين حاڪمن وانگر، انهن کي به غريبن جو رت چوسڻ جو موقعو ملي ويندو. ان کان سواءِ عيش عشرت جي چڪر ۾ ڦاسي هي ماڻهو پنهنجي اصلي جوهر جهڙوڪ جوانمردي، بهادري، جفاڪشي، همت، عزم ۽ ارادي کي وڃائي ڇڏيندا. جنهن جو اڳتي هلي نتيجو هيءُ نڪرندو جو جيڪا جماعت رڳو خلق جي خدمت ۽ رحمت الاهي کي عام ڪرڻ لاءِ زنده آهي، تنهن کان زنده رهڻ جو حق کسجي ويندو. تاريخ شاهد آهي ته پوءِ وارا مسلمان جڏهن مال دولت ۽ ملڪيت ناهڻ جي چڪر ۾ ڦاسي پيا ته انهيءَ جماعت جي اعليٰ ڪردار ۽ پاڪيزه صفتن ۾ وڏو فرق اچي ويو ۽ ان جا اصلي جوهر، جنهن جي خمير مان هيءَ جماعت تيار ٿي هئي سي آهستي آهستي ختم ٿي ويا.

سپ ڪان پهريائين شام ملڪ ۾ جڏهن ملڪيت ميڙڻ جي هوس عام ٿيڻ جو بنياد پئجي رهيو هو تڏهن حضرت ابوذر غفاريؓ (جيڪو هڪ جليل القدر صحابي ۽ اعليٰ درجي جو قناعت پسند ۽ زاهد انسان هو) ماڻهن کي حضرت عمرؓ جو مٿي ذڪر ڪيل منع وارو قانون ياد ڏياريندو هو ۽ سختيءَ سان انهيءَ هوس جي مخالفت ڪندو هو. عام تقريرن ۽ بازارن ۾ چوندو وتندو هو:

يا معشر الاغنياء ويا اسوٰ الفقراء والذين يكترون الذهب والفضة ولا ينفقونها في سبيل الله فبشرهم بعذاب اليم (نظام العالم والامم)

”اي مالدارؤ! ۽ اي بدحال فقيرؤ! (الله جو هيءُ فرمان آهي) جيڪي ماڻهو سون ۽ چاندي پاڻ وٽ گڏ ڪري ڍير ڪن ۽ الله جي راهه ۾ خرچ نٿا ڪن تہ اهڙن ماڻهن کي دردناڪ عذاب کان خبردار ڪري ڇڏ.“

جڏهن تہ اهوحضرت عثمانؓ جي خلافت جو زمانو هو ۽ ان وقت حضرت معاويہؓ شام جو گورنر هو. ان جي شروعات هن طرح ٿي جو حضرت امير معاويہ حضرت عثمان کان پنهنجي خرچ پکي جي پورائي لاءِ زمين جي انهيءَ ايراضي وٺڻ جي اجازت گهري جنهن کي حضرت عمرؓ عام ماڻهن جي ڀلائي لاءِ بيت المال ۾ شامل ڪري رکيو هو ۽ ان جو انتظام سرڪاري طور تي سنڀاليو ويندو هو. حضرت معاويہؓ کي ڏسندي ٻين آفيسرن ۽ اصحابن، جهڙوڪ طلحہ، زبير، سعد يعلي رضي الله عنهم وغيره بہ پاڻ وٽ زمين رکڻ شروع ڪري ڏني.

هيءَ ابتدائي صورت اهڙي نہ هئي جنهن مان ڪنهن جي حق تلفي ٿيندي هجي يا عام ڀلائي ۽ مفاد عامہ جي لتاڙ جو خطرو هجي. پر جيئن تہ جنهن مقصد خاطر حضرت عمرؓ منع جو قانون نافذ ڪيو هو، تنهن مقصد جي فوت ٿيڻ جو بنياد پئجي رهيو هو جيڪو اڄ نہ تہ سڀاڻ انهيءَ جماعت جي زندگيءَ جي بنيادن کي لوڏڻ ۾ وجهڻ وارو هو. انهيءَ ڪري ئي مؤرخ انهيءَ تبديليءَ کي وڏي اهميت جي نظر سان ڏسن ٿا.

3. پوءِ جڏهن حضرت عمر بن عبدالعزيز خليفو ٿيو تہ هن حضرت عمرؓ جي مٿي ذڪر ڪيل قانون کي ٻيهر نافذ ڪيو ۽ سندن نقش قدم تي ٻيهر هلڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ڪري ئي علامہ طنطاويؒ چوي ٿو:

اهو قانون هيءُ هو تہ:

1. و ايد هذه القاعدة عمر بن عبدالعزيز و كان يتحدي ابن الخطاب بكل خطواتہ (نظام العالم والامم)

”اعلان ڪرايو تہ جيڪو ذمي (غير مسلم) اسلام قبول ڪري وٺي، ان جي جان ۽ منقولہ ملڪيت محفوظ رهنديون، پر ان جي غير منقولہ ملڪيت مسلمانن جي لاءِ الله جي ”في“ ٿي ويندي.“

2. وايما قوم صالحوا علي جزية يعطو نها فمن اسلم منهم كانت داره وارضہ لبقيتهم

”۽ جن ماڻهن سان ڪو معاهدو ٿي چڪو آهي سي جيڪڏهن اسلام قبول ڪري وٺن تہ غير منقولہ مال ملڪيت انهيءَ قوم جي ٻين ماڻهن ۾ ورهايو ويندو.“

اهي ڪجهہ اهڙا مثال آهن جن مان هڪ پاسي مسلم جماعت جي طرز زندگيءَ جي خبر پئي ٿي تہ ٻئي پاسي اها حقيقت چٽي ٿي وڃي ٿي تہ اسلامي نظام حيات جو پنهنجي ميمبرن کان ڪيتري بلند اخلاق ۽ قرباني جو مطالبو ڪري ٿو ۽ نہ ميمبرن سان ڪيترو انصاف ڀريو سلوڪ اختيار ڪري ٿو.

اڄ بہ دنيا جي مهذب قومن اندر پنهنجي پارٽي وارن سان رعايت جائز سمجهي ويندي آهي ۽ پارٽي انهيءَ لاءِ ئي اقتدار حاصل ڪندي آهي تہ جيئن اها ٻين جو رت چوسي پاڻ عيش ڪري سگهي. انهيءَ جي برخلاف اسلامي حڪومت ۾ مسلمان ٿي ڪري ڪنهن جو ناجائز طريقي سان مال کائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر الٽو ان جو سندو مال ۽ ملڪيت غير مسلمانن کي ورهائي ڏيڻ جو حڪم آهي.



محمد سليمان طاهر انڊڙ

# دعوت توحيد ۾ پيغمبرن جو ڪردار

قرآن مجيد بنيادي طرح هڪ ”دعوتي ڪتاب“ آهي. اهو انسانن کي زندگي گذارڻ جا اصول ۽ ضابطا عطا ڪري ٿو تان تہ هو دنيا ۾ هڪ صاف سٿري ۽ پاڪيزه زندگي گذاري سگهن. انسانن تائين هدايت پهچائڻ لاءِ الله تعاليٰ جو اهو دستور رهيو آهي تہ هو انسانن مان ڪن انسانن کي ان مقصد لاءِ چونڊيندو آهي. پوءِ انهن ڏانهن پنهنجي هڪ فرشتي روح القدس (حضرت جبريلؑ) ذريعي وحي نازل ڪندو آهي. اهو وحي ڪتاب يا صحيفي جي صورت اختيار ڪندو آهي. ڪڏهن الله تعاليٰ سڌو سنئون پيغمبر جي دل تي وحي نازل ڪندو آهي. يا وري پردي جي پٺيان پاڻ هم ڪلام بہ ٿيندو آهي ۽ سوال ۽ جواب بہ ڪندو آهي. مگر اهو سمورو رابطو فقط پيغمبر سان ٿيندو آهي. پيغمبرن کان سواءِ ڪنهن غير پيغمبر سان بہ جيڪڏهن رب العالمين چاهي تہ ڪنهن فرشتي ذريعي همڪلام ٿي سگهي ٿو. جيئن سيده مريم بنت عمران سان قرآن مجيد ۾ جبرئيل امينؑ ذريعي پيغام پهچائڻ جو ذڪر موجود آهي. قرآن مجيد ۾ پيغمبرن سان رابطي جون صورتون هن طرح بيان ڪيون ويون آهن.

وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ ۭ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ ﴿٥١﴾ (الشوری:٥١)

”ڪنهن بہ انسان لاءِ اها ڳالهہ ممڪن ناهي تہ الله تعاليٰ هن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سواءِ ان جي جو ان جي دل تي وحي نازل ڪري، يا پردي جي پويان ڳالهائي يا ان ڏانهن ڪو بہ فرشتو موڪلي جيڪو خدا جي اجازت سان جيڪو خدا گهري تہ اهو وحي نازل ڪري. هو بلند ۽ حڪمت وارو آهي.“

الله تعاليٰ پيغمبرن ڏانهن جيڪو وحي نازل فرمايو آهي يا جيڪو پيغام سڀني نبين ڏانهن هڪ بنيادي دعوت جي طريقي سان موڪليو ويو آهي. اهو پيغام آهي ”ايمان بالله“ اختيار ڪرڻ.

قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو ويو:

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِيْٓ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ ﴿٢٥﴾ (الأنبياء:٢٥)

”اي پيغمبر! توکان اڳ هن دنيا ۾ جيڪو بہ رسول موڪليو ويو آهي تہ انهن سڀني رسولن ڏانهن هڪ گڏيل ڳالهہ جيڪا وحي ڪئي وئي آهي، اها هيءَ آهي تہ هن ڪائنات ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود، رب ۽ حاڪم ناهي، جنهن جي عبادت – بندگي ۽ اطاعت ڪئي وڃي.“

ان مان معلوم ٿيو تہ سمورا نبي ۽ رسول، داعي الي الله، توحيد جا پرچارڪ، معلم انسانيت، مربي، منڪي، هادي ۽ مهدي هئا. اهي سمورا هڪ برادري جا فرد هئا. يعني نبوت ۽ پيغمبري جي رشتي ۾ پاڻ ۾ مربوط ۽ گڏيل هئا. اهو ئي سبب آهي تہ انهن سمورن ”هاديان برحق“ تي ايمان آڻڻ، انهن جي نبوت ۽ رسالت کي تسليم ڪرڻ، انهن تي نازل ٿيل ڪتابن ۽ صحيفن کي برحق ڄاڻڻ، ايمان جو بنيادي حصو آهي. ڪنهن بہ هڪ نبي يا پيغمبر کان منهن

موڙڻ يا ان کي نہ مڃڻ، سموري سلسلي نبوت جو انڪار ڪرڻ آهي:

آمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۣ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۣ ﴿البقرة:٢٨٥﴾

”ايمان آندو رسول، ان ڳالهہ تي جيڪا ان جي طرف نازل ڪئي وئي سندس رب جي طرفان، ۽ سمورن مؤمنن بہ ان تي ايمان آندو. رسول ۽ اهل ايمان الله تي ايمان آڻين ٿا ان جي ملائڪن تي، ان جي نازل ڪيل ڪتابن تي ۽ سمورن رسولن ۽ نبين تي ۽ هو چون ٿا تہ ايمان آڻڻ ۾ اسان ڪنهن بہ رسول ۾ فرق نٿا ڪيون، بلڪ سڀني تي هڪ جهڙو ايمان آهي.“

هن دنيا ۾ زمين تي قدم رکندڙ پهريون انسان پهريون پيغمبر ۽ پهريون معلم انسانيت سيدنا آدمؑ هو. ڪيس مڪمل هدايت ۽ تعليم سان سرفراز ڪري زمين ۾ خدا جو خليفو مقرر ڪيو ويو. پوءِ سندس اولاد مان ڪوڙ ساترا نبي ۽ پيغمبر پيدا ڪيا ويا. انسانيت کي زندگي گذارڻ جي ديني ۽ دنوي تعليم پيغمبرن ذريعي ملي. ڪاڌي خوراڪ جا آداب، رهڻي ڪهڻي، گهر جوڙڻ، گهر جو سامان، برتن ٿانو، لٽي ڪپڙي جو هنر، مطلب تہ زندگي جي سڀني وهنوارن جي ڄاڻ ۽ سکيا پيغمبرن ذريعي انسانيت کي ملندي وئي. ان طرح مهذب انسانن سان معاشري کي سنواريو ۽ سينگاريو ويو. اهو عمل ارتقائي مرحلن مان گذرندو رهيو.

**حضرت نوح عليہ السلام جي تاريخي جدوجهد**

ڪجھ عرصي ڪان پوءِ انسانن ۾ شرڪ جي شروعات ٿي وئي. اها هن طرح ٿي تہ قوم ۾ جيڪي بزرگ ۽ با ڪمال شخصيتون پيدا ٿينديون رهيون، تن جي وفات ڪان پوءِ انهن جي عقيدت ۽ يادگيري لاءِ انهن جا مجسما ٺاهي رکيا ويا ۽ انهن جون روزانہ زيارتون ڪندا رهيا. اهو دور بہ گذريو. پوءِ ٻيو نسل پيدا ٿيو تہ انهن زيارتن ڪان اڳتي وڌي انهن جي محبت ۾ گرفتار ٿي بندگي جون رسمون ادا ڪرڻ لڳا، سجدا ۽ دعائون پنڻ ڪان پوءِ سڌو سنئون انهن کي خدا تعاليٰ جي اختيارن ۾ شريڪ ڪري معبود چوڻ لڳا. ان دؤر ۾ الله تعاليٰ توحيد جو پهريون مبلغ ۽ داعي حضرت سيدنا نوحؑ کي پيغمبر بڻائي ان قوم ڏانهن موڪليو، جنهن زندگي جو تمام وڏو عرصو قوم کي توحيد جي دعوت ڏني. قرآن مجيد ٻڌائي ٿو تہ:

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ الطُّوْفَانُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٤﴾ ﴿العنكبوت:١٤﴾

”اسان نوحؑ کي سندس قوم ڏانهن رسول ڪري موڪليو. هُن ان قوم ۾ دعوت ڏيندي 950 سال گذاريا. پر جڏهن ايتري عرصي تائين ماڻهن توحيد کي قبول نہ ڪيو تہ انهن تي پاڻي جو عذاب آڻي ٻوڙي ڇڏيو سون. هو واقعي ظالم هئا.

حضرت نوحؑ جي دعوت جو بيان هن طرح ڪيو ويو آهي:

اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١﴾ ﴿نوح:١﴾

اسان نوحؑ کي قوم ڏانهن رسول ڪري موڪليو سون ۽ ڪيس هدايت ڪئي سون تہ هو پنهنجي قوم کي ايندڙ وڏي عذاب ڪان خبردار ڪري تان تہ هو ڇوٽڪارو حاصل ڪن. وڏي عذاب ڪان بچڻ لاءِ خدا پاڪ جو اهو دستور آهي تہ اهڙي قوم کي اڳ ۾ خبردار ڪيو وڃي ڪنهن نذير جي حجت پوري ڪرڻ ڪان اڳ عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ سنت الله جي خلاف آهي. حضرت نوحؑ پنهنجي تبليغ جو طريقو هن طرح بيان ڪري ٿو:

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا وَّنَهَارًا ﴿٥﴾ فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا ﴿٦﴾ وَاِنِّيْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا



اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَاَصَرُّوْا وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا ﴿٧﴾ ثُمَّ اِنِّيْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ﴿٨﴾ ثُمَّ اِنِّيْٓ اَعْلَنْتُ لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا ﴿٩﴾ ﴿نوح:٥-٩﴾

”(حضرت نوحؑ پنهنجي پالڻهار کي دعوت جي رپورٽ ڏيندي) چوي ٿو تہ اي منهنجا رب سائين! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت رات جو بہ ڏنم تہ ڏينهن جو بہ ڏنم (دعوت جو ڪو بہ ٽائيم ٽيبل مقرر نہ هو. هر وقت صبح شام، رات ڏينهن، هڪ کي ۽ سڀني کي، هوريان ۽ ڏاڍيان جيئن مصلحت ۽ حڪمت جي تقاضا سامهون ٿي آئي تہ مان توحيد جي پيغام ۾ مصروف رهيس) پر عجب ڳالهہ اها سامهون آئي تہ جيئن جيئن انهن کي دعوت پيو ڏيان تہ هو مون ڪان پري ڀڄڻ ۾ ۽ مون ڪان نفرت ڪرڻ ۾ روز بروز اڳ اڳرا هئا. يعني انهن جون دليون ذري جيترو بہ نرم نہ پيون ٿين. مان انهن ماڻهن کي جيئن توحيد ڏانهن پيو سڏيان تان تہ هو تنهنجي رحمت جا حقدار ٿين ۽ تون هنن کي معاف ڪرين تہ هو دعوت کي ٻڌڻ ڪان ئي ٿهي پيا وڃن ۽ پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون پيا وجهن تان تہ ڪو بہ آواز هنن جي ڪنن جي ذريعي دل تائين نہ پهچي سگهي. پاڻ کي ڪپڙن ۾ ويڙهي اهڙو بند ٿي پيا وڃن جو هو مونکي نہ ڏسن ۽ نہ ٻڌي سگهن. ۽ اها روش انهن جي هميشہ قائم رهندي پئي اچي يعني ضد ۽ ساڙ جي. ان ڪان سواءِ وڏائي ۽ غرور جي انتها تي پهتل هئا.“

حضرت نوحؑ وڏيڪ خداوند قدوس کي ٻڌائي ٿو تہ:

قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗٓ اِلَّا خَسَارًا ﴿٢١﴾ وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ﴿٢٢﴾ ﴿نوح:٢١-٢٢﴾

”نوح چيو تہ اي پالڻهار! اهي منهنجي تہ هر ڳالهہ جي مخالفت ڪن ٿا، مگر اهڙن بدڪارن جي هر ڳالهہ مڃين ٿا جيڪي وڏيڪ دولت مند ۽ صاحب اولاد آهن، جن هنن کي فقط نقصان پهچايو آهي. هي رات ڏينهن مڪر ۽ فريب جا ڪوڙا داستان گهڙي، ان ۾ بدمست رهن ٿا. ان مان معلوم ٿيو تہ بدڪار ۽ بيهوده ماڻهو هر دور ۾ صالح انسانن جي مخالفت ڪندا آهن. انهن جي اصلاح جي دعوت کي قبول نہ ڪندا آهن. پر ان جي مقابلي ۾ سرمايہ دارن ۽ دولت مند بدڪردارن جي ڪڍ لڳي انهن کي پنهنجو ليڊر مڃيندا آهن. ان سبب دنيا ۾ بہ انقلاب جي گهڙي اچڻ تي نيست و نابود ٿي ويندا آهن ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ بہ دردناڪ عذاب تيار ٿيل آهي جهن ۾ هي ليڊرن سميت داخل ڪيا ويندا.

حضرت نوحؑ ۽ قوم جو ان مسئلي تي جهڳڙو هيو تہ قوم جي گذريل دور ۾ جن بزرگن جا مجسما قوم ٺاهي انهن جي عبادت ڪرڻ ۾ مشغول هئا ۽ انهن کي خدائي اختيار بہ سونپي ڇڏيا هئائون. قوم انهن جي عبادت ڪرڻ ڪان نہ پئي رڪجي جڏهن تہ حضرت نوحؑ ان شرڪ کي خدا جي بغاوت سمجهندي قوم کي ان ڪان نجات ڏيارڻ جي دعوت ڏيئي رهيو هو.

ان موقعي تي قوم حضرت نوحؑ کي چٽيءَ طرح ٻڌايو تہ اسين انهن بزرگن جي عبادت ڪان هرگز نہ مڙنداسون. قرآن مجيد ۾ قوم جي هٺ ڌرمي جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

وَقَالُوْا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوْثَ وَيَعُوْقَ وَنَسْرًا ﴿٢٣﴾ ﴿نوح:٢٣﴾

”قوم اتفاق راءِ سان اهو موقف ٻڌايو تہ هرگز نہ ڇڏجو پنهنجن خدائن کي، ۽ نہ ڇڏجو ود ۽ سواع کي، نڪي يغوث ۽ يعوق ۽ نسر کي.“

کي اڻ پڙهيل علماء سو، چوندا آهن تہ اهي پٿر جا بت گهڙيل هئا جن جي هو پوڄا ڪندا هئا. انهن ۾ بزرگن جو ذڪر ڇو؟ اهڙن اٽڪلن کي اسان حضرت خاتم الانبياء سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو هي ارشاد گرامي ٻڌائينداسون. حضور ڪريم ﷺ انهيءَ آيت پاڪ جي

وضاحت ڪندي فرمائن ٿا ته حضرت نوحؑ جي قوم جا اهي معبود جن جي عبادت ڪان هو نه پيا رڪجن اهي ڪير هئا؟ فرمايائون ته: "اسماء رجال صالحين من قوم نوح" (بخاري شريف)

اهي ود، سواع ۽ ٻيون شخصيتون حضرت نوحؑ جي قوم جون صالح ۽ بزرگ شخصيتون هيون جن جي وفات ڪان پوءِ قوم وارن انهن جا مجسما ٺاهيا ۽ انهن جي عبادت ڪرڻ لڳا. معلوم ٿيو ته اهي رڳا پٿر جا بت نه هئا بلڪ بزرگ شخصيتن جون شڪليون ٺاهي، انهن کي معبود قرار ڏيئي، انهن کي خدا تسليم ڪندا هئا.

حضرت نوحؑ ۽ سندس قوم جو معاملو جڏهن آخري حد تائين پهتو، قوم تي حجت قائم ٿي وئي. عذاب جو مرحلو ويجهو ٿي چڪو ته الله تعاليٰ حضرت نوحؑ کي حڪم فرمايو ته اسان جي هدايتن هيٺ هڪ ٻيڙي تيار ڪر جنهن ۾ اهل ايمان سوار ٿيندا ۽ انهن کي ئي عذاب کان بچايو ويندو ۽ باقي سيني مشرڪن کي هڪ وڏي پاڻي جي سيلاب ۾ ٻوڙيو ويندو.

قرآن مجيد ۾ ان جو ذڪر هن طرح ڪيو ويو آهي:

وَاصْنَعِ الْفُلْكَ بِأَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا وَلَا تُخَاطِبْنِي فِي الَّذِينَ ظَلَمُوا ۚ إِنَّهُم مُّغْرَقُونَ ﴿٣٧﴾ وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَأٌ مِّن قَوْمِهِ سَخِرُوا مِنْهُ ۚ قَالَ إِن تَسْخَرُوا مِنَّا فَإِنَّا نَسْخَرُ مِنكُمْ كَمَا تَسْخَرُونَ ﴿٣٨﴾ ﴿هود:٣٨-٣٧﴾

"اي نوح ٻيڙي کي ٺاهڻ شروع ڪر. اسان جي هدايت سان ۽ اسان جي سامهون. اي نوح هڪ ڳالهه ٻڌي ڇڏ ته ظالمن ۽ مشرڪن متعلق اسان سان ڪا به گفتگو نه ڪجانءِ يعني انهن جي ڪا به سفارش نه ٿيڻ گهرجي ڇو ته انهن جو مقدر هلاڪ ٿيڻ آهي. پوءِ جيئن جيئن حضرت نوحؑ ٻيڙي ٺاهيندو پيو وڃي ته قوم جا اوباش ماڻهو هن تي ٺٺوڪون ۽ چٿرون ڪندا پيا وڃن. نوحؑ هنن کي جواب ڏنو ته اڄ اوهين پلي ٺٺوڪون ڪريو پر هاڻي جلد اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي ته اسين به اوهان تي، اوهان جي هلاڪ ٿيڻ تي چٿرون ڪنداسون.

اهو وقت پري ناهي جڏهن توهان اکين سان ڏسندؤ ته ڪنهن تي ذليل ڪندڙ اهو لمحو اچي رهيو آهي ۽ ڪير آهي جيڪو دائمي عذاب ۾ گرفتار ٿي ويندو.

ٿوري ئي وقت ۾ اسان جو حڪم اچي ويو. تنور ابري پيو. ان وقت اسان نوح کي حڪم ڪيو سون ته ٻيڙي ۾ هر جنس مان ٻه (نر ۽ مادي) ويهار. پنهنجي خاندان کي پر جن تي خدائي حڪم هلاڪ ٿيڻ جو آهي، انهن کي نه ويهار جيڪي مؤمن آهن انهن کي سوار ڪر. مؤمن هئا ئي ٿورا، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا.

"هاڻي چڙهو ٻيڙي ۾، الله جي نالي سان اها هلندي ۽ ان جي نالي تي بيهندي"

اها ٻيڙي مؤمنن کي کڻي هلي. لهرن ۾ لهرون اهڙيون جهڙا پهاڙ. نوحؑ جي پٽ تي نظر پئجي وئي. چوڻ لڳو اي پٽڙا! ٻيڙي ۾ سوار ٿي، ڪافرن سان سنگت ڇڏي ڏي. هٺيلو پٽ، پيءُ جي چوڻ ۾ نه آيو. چوڻ لڳو ته مان ڪنهن وڏي پهاڙ جي چوٽي تي چڙهي ويندس ۽ اها چوٽي مونکي پاڻي کان بچائي ڇڏيندي. حضرت نوحؑ فرمايو ته اڄ هن عذاب کان خدا پاڪ جي حڪم کان سواءِ ٻيو ڪو به بچي نٿو سگهي. ائين ئي پيءُ ۽ پٽ ڳالهائيندا رهيا ته پاڻي جي هڪ لهر آئي ۽ حضرت نوحؑ جو پٽ پاڻي ۾ غرق ٿي ويو. سموري مشرڪ قوم جڏهن پاڻي ۾ هلاڪ ٿي وئي ته الله تعاليٰ جي حڪم سان ٻيڙي جودي پهاڙ تي سڌي طرح بيهجي وئي.

الله تعاليٰ حڪم فرمايو ته اي زمين پاڻي کي ڇهي وڃ، اي آسمان پاڻي کي بند ڪر. پاڻي سڪي ويو ۽ خدا جو حڪم پورو ٿي ويو ۽ چيو ويو ته ظالم قوم لاءِ فقط تباهي ۽ بربادي آهي.



جڏهن معاملو ختم ٿيو ته حضرت نوحؑ کي پٽ جي يادگيري آئي. چوڻ لڳو ته "پالڻهار!، پٽ ته منهنجي خاندان مان هو. ان کي بچڻ گهربو هو." خداوند قدوس پنهنجي ڪبريائي ظاهر ڪندي ارشاد فرمايو ته "اي نوحؑ اهو مشرڪ پٽ تنهنجي خاندان ۾ شامل نٿو ٿي سگهي. ان مشرڪ کي غرق ٿيڻو هو. "إِنَّهُ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ" اهو عمل جي اعتبار سان بدڪار انسان هو. ان متعلق مون سان آئينده لاءِ ڪا به حجت نه ڪجانءِ متان جاهلن ۾ ڳڻيو وڃين."

حضرت نوحؑ جلد ئي خبردار ٿي ويو ۽ عرض ڪيائين ته "يا الله مون کي اهڙي سوال ڪرڻ ۽ سفارش ڪرڻ کان پنهنجي پناهه ۾ رک، جنهن جو مونکي پورو علم ناهي. مون کي معاف فرماءِ ۽ مون تي رحم فرماءِ." الله تعاليٰ حضرت نوحؑ جي لغزش کي معاف فرمائي مٿس رحمتن ۽ برڪتن جي پالوٽ ڪئي.

هي قرآن مجيد ۾ حضرت نوح ۽ سندس قوم جي ڪشمڪش جو مختصر احوال ٻڌايو ويو آهي. دعوت توحيد جي سلسلي ۾ ڪيڏي وڏي جدوجهد ڪئي وئي. صدين تي مشتمل جاکوڙ هڪ پيغمبر جي حوالي سان انساني تاريخ ۾ موجود آهي. ان مان سبق ملي ٿو ته هر دور ۾ مؤمنين، صالحين، دعوت توحيد کي پنهنجو نصب العين بڻائي، اهڙي ڀرپور جدوجهد ۾ مشغول رهن. اهو ئي قرآن مجيد جو پيغام آهي.

**امام انسانيت حضرت سيدنا ابراهيم خليل اللهؑ**

عراق جي سر زمين تي، شرڪ ۽ بت پرستي جي گهٽا ٽوپ انڌيري ۾ هڪ شخصيت جنم ورتو. رياست جو سربراه نمرود خدا هجڻ جو دعويدار هيو. سندس پيءُ رياست جي مذهبي منصب تي فائز هيو. نمرود جي خدائي ۽ بتن جي پوڄا جي حفاظت سندس منصب جي تقاضا هئي. پوري قوم بت پرستي ۾ ٻڏل هئي. هوش ۽ عقل کان ڪوهين ڏور هئا.

اهڙي ماحول ۾ سيدنا ابراهيمؑ فطرت جي سڏ کي قبول ڪندي، مظاهر پرستي کان بيزار ٿي توحيد تي قائم رهڻ جو اعلان ڪيو. رات جو تاري جي روشني کي ڏسندي چوي ٿو: "ڇا هي منهنجو رب آهي؟"

فَلَمَّا أَفَلَ قَالَ لَا أُحِبُّ الْآفِلِينَ ﴿الأنعام:٧٦﴾

"جڏهن تارو گم ٿي ويو ته چيائين ته گم ٿيندڙ منهنجو رب ناهي."

وري جڏهن چنڊ کي ڏٺائين ته چيائين ته ڇا هي منهنجو رب آهي؟ جڏهن لهي ويو ته چيائين جيڪڏهن الله هدايت نه ڪري ها ته مان گمراهه ٿي وڃان ها.

جڏهن سج کي ڏٺائين ته چيائين ته هي ته ڪو وڏو رب آهي! پر جڏهن اهو به لهي ويو ته چوڻ لڳو ته مان اهڙن معبودن کان بيزار آهيان. مان پنهنجي رب پاڪ ڏانهن توجهه ڪريان ٿو جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو. مان ڪڏهن به شرڪ ڪندڙن مان نه ٿيندس.

ان تي سندس قوم هن سان جهڳڙو ڪرڻ شروع ڪيو. هن قوم کي دليلن سان سمجهايو ته جن معبودن کي ٺاهي پوڄا ڪريو ٿا اهي ته ڪجهه به نٿا ڪري سگهن. جن ڪان توهين ڊڄو ٿا، مون کي ته انهن جي ڪا به پرواهه ڪانهي. اهي فطري دليل اسان ابراهيم کي سمجهايا سون ۽ اها اسان جي هدايت هئي جيڪا هن کي عطا ڪئي سون.

حضرت ابراهيمؑ رياست جي بادشاهه کي توحيد جو پيغام ڏنو ته ان الله جي عبادت ڪر جيڪو ماري ۽ جياري ٿو ته هن بيوقوف چيو ته مارڻ ۽ جيارڻ ته منهنجي هٿ ۾ به آهي! ڪنهن

کي ڦاسي تي لٽڪايان ۽ ڪنهن کي ڇڏي ڏيان. حضرت ابراهيم چيو ته الله تعاليٰ سج کي اوڀر کان اڀاري ٿو. تون خدا آهين ته اولهه کان سج اڀار. ان تي مشرڪ مبهوت ٿي ويو. ڪو به جواب ڏيئي نه سگهيو. حضرت ابراهيمؑ پنهنجي پيءُ کي به سمجهايو ته اي منهنجا بابا سائين! اهڙن معبودن جي عبادت ڇو ٿو ڪرين جيڪي نه ٻڌن ٿا نه ڪي ڏسن ٿا. نه ڪي ڪو توکي نفعو پهچائي سگهن ٿا.

مگر آزر هڪ مذهبي منصب تي فائز تي دنوي مفادن ۾ ڪيڏي رهيو هو. هو بت پرستي کي ڪيئن ٿي ڇڏي سگهيو! آزر پنهنجي پٽ کي خبردار ڪيو ته بتن جي مخالفت کي ڇڏ. ورنه مون کان جدا ٿي وڃ.

قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰٓاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَىِٕنْ لَّمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿٤٦﴾ ﴿مريم:٤٦﴾

پيءُ آزر پنهنجي پٽ ابراهيم کي چوي ٿو ته تون منهنجي معبودن کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن تون ان ڳالهه کان نه مڙندين ته مان توکي پٿرن سان سنگسار ڪري ڇڏيندس ۽ هاڻي مون کان ٽري وڃ. سيدنا ابراهيمؑ پنهنجي پيءُ ۽ پوري قوم کي آخري نصيحت ڪندي چوي ٿو ته:

اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَا هٰذِهِ التَّمَاثِيْلُ الَّتِيْٓ اَنْتُمْ لَهَا عٰكِفُوْنَ ﴿٥٢﴾ قَالُوْا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا لَهَا عٰبِدِيْنَ ﴿٥٣﴾ ﴿الأنبياء:٥٢-٥٣﴾

ابراهيم جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ قوم کي چيو ته هي ڪهڙيون مورتيون اوهان بڻايون آهن جن کي خدا ڪوٺيو ٿا ۽ جن جي آڏو اوهان اونڌا ڪريا پيا آهيو؟ چوڻ لڳا ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي انهن جي عبادت ڪندي ڏٺو آهي تنهن ڪري اسين به اها رسم ادا ڪري رهيا آهيون.

مشرڪ عقل ۽ شعور سان نه سوچيندو آهي. هو خدا جي تلاش دليل سان نه ڪندو آهي بلڪ هو آباء پرستي ۽ سلف پرستي ۾ انڌي تقليد کي معيار بڻائي شرڪ ۽ ڪفر کي اختيار ڪندو آهي. حضرت ابراهيمؑ قوم تي حجت پوري ڪرڻ بعد پڪو پهه ڪيو ته هنن ڪوڙن خدائن کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيندس. هڪ ڏينهن اهڙو موقعو آيو. پوري قوم قومي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجا گهر ڇڏي رواني ٿي. حضرت ابراهيمؑ ان موقعي تي بت خاني ۾ وڃي پهتو. هڪ ڪهاڙي سان سڀني بتن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين. فقط هڪ لٺ سردار کي ڇڏي ڏنائين تان ته پڄاري ان کان اچي حال احوال وٺن:

فَجَعَلَهُمْ جُذٰذًا اِلَّا كَبِيْرًا لَّهُمْ لَعَلَّهُمْ اِلَيْهِ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٨﴾ ﴿الأنبياء:٥٨﴾

ميلي کان موٽ ڪائيندي بتن جا پوڄاري سڌو بت خاني ۾ اچي پهتا. ڏسن ته سمورا سندن معبود اونڌا سونڌا ٿيا هيٺ ڪريو پيا آهن. پهرين دانهن ۾ اهي لفظ اچاريائون ته:

مَنْ فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَآ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٩﴾ ﴿الأنبياء:٥٩﴾

اڙي اسان جي معبودن جو هي حال ڪنهن ڪيو؟ اهو ته ڪو وڏو ظالم آهي.

قَالُوْا سَمِعْنَا فَتًى يَّذْكُرُهُمْ يُقَالُ لَهٗٓ اِبْرٰهِيْمُ ﴿٦٠﴾ ﴿الأنبياء:٦٠﴾

ڪن همراهن چيو ته اسان جي شهر ۾ هڪ نوجوان آهي جيڪو انهن معبودن جي خلاف ڳالهائيندو رهندو آهي. ان کي ابراهيم چوندا آهن. سيدنا ابراهيمؑ کي قومي درٻار ۾ آندو ويو. بادشاهه، وزير، سندس پيءُ ۽ درٻاري اچي گڏ ٿيا. پهريون سوال هي ڪيو ويو ته:

قَالُوْٓا ءَاَنْتَ فَعَلْتَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَا يٰٓاِبْرٰهِيْمُ ﴿٦٢﴾ ﴿الأنبياء:٦٢﴾

اي ابراهيم هي حالت اسان جي معبودن سان تو ڪئي آهي؟



ابراهيم جواب ڏنو. بتن جو سردار چڱو مڙس ٿيو ويٺو آهي. ان جي موجودگي ۾ اهو واقعو پيش آيو آهي. ان کان پڇو ته اهو ڪم ڪنهن ڪيو؟ سڀني مشرڪن جا ڪنڌ هيٺ ٿي ويا. ڪنڌ هيٺ ڪيون ذلت ۽ خواري سان چوڻ لڳا ته:

لَقَدْ عَلِمْتَ مَا هٰٓؤُلَآءِ يَنْطِقُوْنَ ﴿٦٥﴾ ﴿الأنبياء:٦٥﴾

ابراهيم اسان کي ذليل نه ڪر. توکي ته خبر آهي ته اهي اسان جا معبود ڳالهائيندا ناهن! سيدنا ابراهيمؑ پنهنجي استدلال سان جنگ کٽي ورتي ۽ هنن کي پوري قوم جي آڏو ذليل ٿيڻو پيو. ان وقت سيدنا ابراهيمؑ پوري وقار ۽ نظريه توحيد جي برتري جي احساس سان قوم کي چئي ڏنو ته:

اَفَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكُمْ شَيْـًٔا وَّلَا يَضُرُّكُمْ ﴿٦٦﴾ ﴿الأنبياء:٦٦﴾

ڇا پوءِ توهان الله کي ڇڏي اهڙن معبودن جي عبادت ڪندا آهيو جيڪي ذري جيترو به توهان کي نفعو نه ٿا پهچائي سگهن ۽ نه وري ذري جيترو ڪو نقصان ٿا رسائين!

مشرڪ قوم ذليل ۽ خوار ٿي وئي. دليل جي ميدان ۾ شڪست ڪائي وئي. پر هٺ ڌرمي ۽ آباء پرستي ڪين مجبور ڪيو ته هو سچ کي قبول نه ڪن ۽ ڪوڙ تي سندرو ٻڌي ابراهيمؑ کي ڪا تاريخي سزا ڏين. سڀ متفق ٿي چوڻ لڳا:

حَرِّقُوْهُ وَانْصُرُوْٓا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿٦٨﴾ ﴿الأنبياء:٦٨﴾

ابراهيمؑ کي باهه ۾ ساڙيو ۽ پنهنجن معبودن جي مدد ڪريو جيڪڏهن ڪو بدلو وٺڻ گهرو ٿا.

مهينن تائين ڪاٺيون گڏ ڪيون ويون. وڏو آڙاهه تيار ٿيو. پوءِ ان ۾ ابراهيم کي وڌو ويو. مگر سندن سازشون ناڪام ٿيون. خدا سڌو سنئون حڪم جاري فرمايو:

قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ﴿٦٩﴾ ﴿الأنبياء:٦٩﴾

اي باهه ٿڌي ٿي وڃ! مڪمل سلامتيءَ واري ٿي پؤ، ابراهيمؑ تي.

ايڏو عظيم الشان معجزو ڏسڻ کان پوءِ به قوم کي هدايت نصيب نه ٿي ۽ هو ان شرڪ تي قائم رهيا. جن معبودن جو حال هنن پاڻ اکين سان ڏٺو هو. توحيد ۽ شرڪ جي اها انساني تاريخ هزارن سالن کان هلندي پئي اچي.

خدا جي پيغمبر ۽ امتن جا صالح انسان هر دور ۾ توحيد جي سمجهاڻي به ڏيندا پيا اچن. قران مجيد ۾ پيغمبرن جي جدوجهد جو احوال وڏي تفصيل سان بيان ٿيل آهي. سيدنا موسيٰؑ جي فرعون خلاف مثالي مزاحمت، فلسطين ۽ القدس جي سرزمين تي سوين پيغمبرن جي جدوجهد، بني اسرائيل جي آخري رسول سيدنا مسيح عليه السلام جون ڀرپور ڪاوشون، دعوت توحيد جون بي مثال ڪڙيون آهن.

هاڻي امت مسلمه جنهن کي ملت ابراهيم جو وارث بڻايو ويو آهي، ان تي ذميواري لڳائي وئي آهي ته قيامت تائين ايندڙ انسانيت کي توحيد جي شفاف تعليم ڏئي. قرآن مجيد جي ذريعي انسانيت تي خدا جي حجت قائم ڪري. حجت قائم ٿيڻ کان پوءِ داعي ۽ مدعوين جي مسئوليت ختم ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن دعوت توحيد ۽ قرآن مجيد جو ڇٽو پيغام، قومن جي ٻولين ۾ انهن تائين نه پهتو ته اهل اسلام کان به قيامت ڏينهن مسئلوليت ٿيندي ۽ جن قومن تي حجت قائم نه ٿي ۽ قرآن جي پيغام کان ناواقف رهجي ويا ته اهي خدا پاڪ کي چئي سگهن ٿا ته اسان تائين حق جي روشني نه پهتي ته پوءِ اسان تي عذاب ڇو ٿيڻ گهرجي؟

# امت مسلمه جو نصب العين ”اسلام“

امت مسلمه جو نصب العين ”اسلام“ آهي. قرآن مجيد ۾ چٽيءَ طرح ٻڌايو ويو آهي ته: اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِىۡ وَرَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا‌ؕ (المائده:٣)

اڄ جي ڏينهن اوهان لاءِ اوهان جي ”نظريه حيات“ کي مڪمل ڪري ڇڏيم. اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ اوهان جو مقصد حيات ”اسلام“ کي مقرر ڪيم. يعني پسند ڪيم.

هيءَ آيت پاڪ حجة الوداع جي موقعي تي عرفات جي ميدان ۾ نازل ٿي هئي. مفسرين جي مطابق غالباً هيءُ رسول الله ﷺ جن تي آخري وحي الاهي هيو جيڪو نازل ٿيو هو. هن آيت ۾ دين جي تڪميل جي بشارت به مليل آهي ۽ ان جي نعمت مڪمل هئڻ جو اعلان به آهي ۽ امت مسلمه لاءِ ”اسلام“ کي قيامت تائين نصب العين ٻڌائڻ جو حڪم به ڏنل آهي.

الله تعاليٰ هن دنيا کي ئي عمل جي جڳهه قرار ڏنو آهي. آخرت جي سمورين نعمتن، انعامن ۽ ان جي رضامندي ۽ قرب جو بنياد ان عمل تي رکيو ويو آهي جيڪو هن دنيا ۾ انسان کي عملي طرح ادا ڪرڻو آهي. خدا جو رضامندو ۽ قرب الاهي محسوس ۽ مبصر (ڏسڻ ۽ پسڻ) جي شيءِ ناهي. اهو هڪ تصور، نيت ۽ خيال جي شيءِ آهي. اهو نتيجي جي طور تي حاصل ٿيندو آهي. اها حاصلات آخرت ۾ مؤمن ٻانهي کي ملندي جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ هو دنيا ۾ جدوجهد ۽ ڪاوش ڪرڻ جو مڪلف بڻايو ويو آهي. ان ڪري پوري قرآن مجيد جو شعوري طرح مطالعو ڪيو وڃي ته اها ڳالهه چٽيءَ طرح سامهون ايندي ته هڪ مؤمن جو انفرادي طرح ۽ پوري امت مسلمه جو گڏيل نصب العين فقط ”اسلام“ آهي. قرآن مجيد صاف ٻڌائي ٿو ته: وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُ‌ ۚ وَهُوَ فِى الۡاٰخِرَةِ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ۝ (آل عمران:٨٥)

جيڪو شخص اسلام کان سواءِ ڪنهن ٻئي نظريه حيات کي نصب العين بڻائيندو ته ان کي الله تعاليٰ هرگز قبول نه ڪندو ڪري ۽ ان کي آخرت ۾ ٻي عمل ڪري اٿاريو ويندو جنهن جا سمورا عمل برباد ٿيل هوندا. اَفَغَيۡرَ دِيۡنِ اللّٰهِ يَبۡغُوۡنَ (آل عمران: ٨٣) ڇا اهي نادان ماڻهو ”دين الله“ ”الله جي پسنديده نظريه حيات“ اسلام کان علاوه ڪنهن ٻئي نصب العين جي تلاش ۾ آهن ۽ ان جي ذريعي ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪا ڪين هرگز نه ملندي!

وڌيڪ وضاحت سان قرآن مجيد فرمائي ٿو ته:
مَنۡ يَّرۡتَدَّ مِنۡكُمۡ عَنۡ دِيۡنِهٖ فَسَوۡفَ يَاۡتِى اللّٰهُ بِقَوۡمٍ يُّحِبُّهُمۡ وَيُحِبُّوۡنَهٗۤ ۙ (المائده: ٥٤)

جيڪو شخص توهان مان دين اسلام کان ڦري ويندو يعني پنهنجي زندگي ۾ اسلام کي پنهنجو منتها ۽ مقصود نه بڻائيندو يا اسلام جي تقاضائن کان منهن موڙي ڇڏيندو ته خدا کي ان جي ڪهڙي پرواهه! الله تعاليٰ ان قوم کي مٽائي ٻي قوم جو انتخاب فرمائيندو جيڪي ان سان محبت ڪندا ۽ الله انهن سان محبت ڪندو. هن آيت ۾ به عملي دنيا ۾ مرتد ٿي وڃڻ ۽ دنيا ۾ خدا جي اطاعت کان منهن موڙڻ کي بغاوت سان تعبير ڪيو آهي ته نصب العين سان اهڙو رويو رکندڙ قوم ئي عذاب جو شڪار ٿي ويندي آهي.



وَمَنۡ يَّرۡتَدِدۡ مِنۡكُمۡ عَنۡ دِيۡنِهٖ فَيَمُتۡ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓـئِكَ حَبِطَتۡ اَعۡمَالُهُمۡ (البقره: ٢١٧)

جيڪو اسلام جي نظريه حيات کان منهن موڙيندو ۽ ان رويي تي هن جو موت ٿيو ته اهو شخص ڪافر ٿي مئو ۽ ان جا سمورا عمل برباد ٿي ويا.

مرتد ٿيڻ ۽ ڪافر ٿي مرڻ، اسلام جي عملي ضابط حيات کي پٺي ڏيڻ سبب ٿيو ۽ ان جا سمورا عمل ڇٽ ٿي ويا. ڇا ان کان پوءِ به اهو چوڻ ته اسلام جي مڪمل ضابط حيات جي روگرداني، نصب العين کان ڦرڻ ناهي. نادان نٿا سمجهن ته رضا ۽ قرب الاهي ته عبادت، اطاعت، جهاد، انفاق ۽ خدمت خلق جي عمل جي نتيجي ۾ خداوند قدوس طرفان انعام جي طور تي حاصل ٿيندو آهي. ان ڪري دنيا ۾ ”خلق الموت والحيٰوة ليبلوڪم“ جي آڌار تي عمل جي هي دنيا آهي ۽ هتان جي عمل ۽ اطاعت ڪي ئي ان ڪري نصب العين جي طور تي مڪلف بڻايو ويو آهي. ان ڪري نصب العين رضا الاهي نه بلڪ عبادت رب ﷻ ۽ اطاعت رسول ﷺ ئي مقرر ٿيل آهي. قرآن مجيد جي هيءَ آيت ڪيتري قدر وضاحت سان ٻڌائي ٿي:
مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ‌ ؕ وَالَّذِيۡنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الۡكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيۡنَهُمۡ‌ تَرٰٮهُمۡ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضۡوَانًا‌ (الفتح: ٢٩)

خدا جو پيغمبر سيدنا محمد الله جو رسول آهي ۽ ان سان گڏ جيڪي اسلام جي جدوجهد ۾ ساٿ ڏيندڙ آهن، اهي ڪافرن سان پرپور مزاحمت ڪندڙ ۽ لڙائي ڪندڙ آهن. پاڻ ۾ همدرد آهن ۽ عبادت رب ۾ رات ڏينهن مصروف رهن ٿا. سندن انهيءَ ڪار ڪردگي سبب هو الله جو فضل ۽ رضامندو طلب ڪن ٿا.

ان پاڪ آيت ۾ معلوم ٿيو ته قرب الاهي ۽ رضامندو عملي ڪاوش جو نتيجو ۽ انعام الاهي آهي، جيڪڏهن پيغمبر ۽ ان جا ساٿي تاريخ انساني جي اها عظيم جدوجهد ۽ قرباني نه ڏين ها ته ڇا ڪين خدا جو رضامندو حاصل ٿئي ها؟ هيءَ دنيا ئي ابتلاء — جدوجهد ۽ ”مزرعة الآخره“ آهي. هن دنيا جي جدوجهد کي ئي نصب العين بڻايو ويندو جنهن لاءِ مؤمن زندگي جو هر لمحو وقف ڪري ٿو. انبياء ڪرام ۽ صالحين عظام، هن دنيا ۾ عبادت، اطاعت جهاد ۽ مزاحمت کي نصب العين بڻايو ته انهن کي قرب الاهي ميسر ٿيو.

اسان جي تاريخ جو هڪ الميو هي به آهي ته جيڪو نظام حيات حضرت پيغمبر اسلام ﷺ ۽ خلفاء راشدين پهرين دور ۾ قائم ڪيو ۽ ان جون رحمتون ۽ برڪتون پوري دنيا ۾ ڦهلجي ويون، مگر پوءِ بني اميه ۽ بنو عباس جي خلاف مزاحمتون به ٿيون. وڏي مزاحمت سيدنا امام حسينؓ جي ليکي ويندي آهي. ان کان پوءِ سيدنا عمر بن عبدالعزيزؒ تجديد دين جي تحريڪ جي شروعات ڪئي پر ڪيس جلد ئي شهيد ڪيو ويو. امام ابو حنيفہؒ آل حسنؓ جي بغاوتن ۾ حصو ورتو ۽ بادشاهي نظام سان تعاون نه ڪرڻ جي جرم ۾ قيد ۾ رکيو ويو. امام مالڪؒ کي مديني مان پيرين اگهاڙي جلاوطن ڪيو ويو. سيدنا امام احمد بن حنبلؒ کي بدعات جي خلاف جهاد ڪرڻ تي ڪوڙا لڳايا ويا. پوءِ اڳتي هلي امام ابن تيميہؒ به جهاد ۾ حصو ورتو. مگر انهن مسلسل ناڪامين کي ڏسندي ڪجهه صالحين امت تزڪيه ۽ احسان جي پهلو کي اختيار ڪري امت جي رهنمائي ڪئي. پهريون دور ڪجهه قدر صحيح هيو مگر بهرحال اهي شخصيتون اجتماعي بگاڙ جي خلاف مزاحمت جي تحريڪ برپا ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل نه

ڪري سگهيون. اهو دور سلف صالحين جو هو. پوءِ وري انهن جا خلف پيدا ٿيا جن تصوف کي حقيقي مقصد کان هٽائي فراريت جي درجي تي پهچايو. پوءِ دين جو آسان طريقو ڳولي لڌو ويو. ورد ۽ وضيفن، مراقبن ۽ رياضتن، چلا ۽ نفس ڪشي، درگاهن جو قيام ۽ پوءِ سجاده نشينن جي بدعت، بيعتون ۽ خلافتون، هاڻي ڳالهه وڃي اتي پهتي آهي تہ روحانيت ۽ تزڪيي جا اشتهار ڇاپيا پيا وڃن. خليفن جو فهرستون رسالن ۾ جاري ٿين ٿيون. نام نهاد مرشد جي تعريف، ان جي سامهون ڪئي پئي وڃي ۽ هو ڏند ٽيڙي ڪلندو ٿو رهي. ڪم وڃي اهو بچيو آهي تہ مرشد جي اڇڻ تي ڪپڙا ٽا وڇايا وڃن. مخصوص ڏينهن ۾ ميدان تي ڪنو ٿي پري کان ان جي زيارت ڪئي ٿي وڃي. ماهانہ مجلسون يا سالانہ عرس منعقد ڪري نذر نياز اوڳاڙيا پيا وڃن. تعويذن جا لڪيل ۽ ڇپيل دٻا اڳ ئي موجود هوندا آهن ۽ هر مصيبت ۽ مشڪل لاءِ ۽ بدن جون بيماريون لاهڻ لاءِ هر قسم جو تعويذ موجود هوندو آهي. ڪجهہ وري پاڻ کي دانشور ۽ صحافي مرشد سمجهندا آهن. اهي وري رسالن ۾ پنهنجن جون تعريفون ۽ ڪمالات ماڻهن کان لکرائي پاڻ ئي اشاعت جو انتظام ڪندا رهندا آهن ۽ مختلف شهرن جا دورا ڪري اتي وڃي ذڪر جون مجلسون ۽ مراقبا ڪرائيندا آهن. ان طرح تزڪيہ ۽ احسان جو ڪاروبار عروج تي پيو هلي. مرشد جا ڪيسا پيا پرجن ۽ مريدن کي ڳيو ماني جو ملي يا نہ ملي ان سان خليفہ مجاز کي ڪهڙو واسطو؟ هاڻي اهڙا مجاز خليفا دين جي تصور، فهم ۽ اصل هدف کي بہ ميٽائڻ جي سازشن ۾ شريڪ ٿي چڪا آهن. دين جو اهڙو تصور جيڪو عام وهمي ماڻهو فوري طرح قبول ڪن، انهن کي چيو وڃي ٿو تہ دين تہ آهي ”خدا جو رضامندو ۽ طلب ڪرڻ“ بس ان لاءِ پاڻ کي تيار ڪجي. اها تياري آهي مرشد جي بيعت، چلو، مراقبو ۽ بار بار ان جي صحبت! ان ڪري دين جو اصل نصب العين بہ اهو ئي ٿيو. هان رسول اڪرم ﷺ ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله عليم اجمعين جو عمل ايمان، اطاعت، جهاد، انفاق، حقوق العباد، اعداء اسلام سان مزاحمت اهي سڀ شيون ضمني آهن ۽ اهي نصب العين ۾ شامل نہ آهن.

الله تعاليٰ يهودين ۽ عيسائين جي انحراف دين جي روش کان امت مسلمہ کي محفوظ فرمائي جو هي نام نهاد دين فروش صوفي انهن ڪافرن ۽ مشرڪن جي طريقہ ڪار جو اتباع ڪري رهيا آهن. (وماعلينا الا البلاغ المبين)

### قرآني سياست جا بنيادي اصول

قرآن حڪيم جو پروگرام حقيقت ۾ پارٽي پاليٽڪس (Party Politics) جي اصول تي صحيح اچي ٿو. قرآن چاهي ٿو تہ فقط هڪ خيال رکڻ وارن کي گڏ ڪري. اهوئي سبب آهي جو رسول الله ﷺ ان اصول تي ڪم ڪيو ۽ انهن ڳڻ ڳڻين ماڻهن کي گڏ ڪيو جيڪي قرآن جي سموري قانون کي دل و جان سان مڪمل طور تي بنا ڪنهن شرط جي مڃيندا هئا. ۽ صلح ۽ جنگ ۾ رسول الله ﷺ جن جي فيصلي کي خوشيءَ سان قبول ڪري ”ڇو ۽ ڪيئن“ جا سوال پڇڻ کانسواءِ اطاعت ڪندا هئا. اسان جي خيال ۾ هاڻي بہ جيڪي ماڻهو سڀني ”مسلمانن“ کي گڏ ڪري اڳتي وڌڻ جو پروگرام رکن ٿا، اهي غلطيءَ تي آهن. انهن کي انهن ”مسلمانن“ مان هڪ اهڙي جماعت ٺاهڻ گهرجي، جيڪا ذهن ۽ عمل جي لحاظ کان انقلابي هجي. ان ۾ فقط هڪ فڪر جا ماڻهو شامل هجن. فقط ان ئي صورت ۾ ڪم سٺو ۽ جلد ٿي سگهي ٿو. (مولانا عبيدالله سنڌي. تفسير الهام الرحمٰن. الفتح)



مولانا عبدالسلام سومرو

# اولاد جي تربيت ڪئين ڪجي؟

اولاد هڪ نعمت آهي. ڪنهن بي اولاد کان ان جو قدر پڇي ڏسجي! اولاد جي واڌ ويجهہ ۽ وڏو ٿي جوان ٿيڻ لاءِ هزارين جتن ڪيا وڃن ٿا. انهن جي گهر آباد ڪرڻ لاءِ شاديءَ جون غلط صحيح رسمون بہ ادا ڪيون وڃن ٿيون. اهو سڀ ڪجهہ آهي، پر نيڪ ۽ صالح اولاد قدرت جو هڪ وڏو تحفو آهي. ماءُ اولاد جي تربيت لاءِ هڪ مدرسو، هڪ يونيورسٽي ۽ هڪ تعليم گاهہ آهي. اولاد جي سٺي ۽ صحيح تربيت ٿيل نہ هوندي تہ اها ئي نازنخرن جي پليل اولاد وبالِ جان بڻجي هميشہ جي خواري ۽ رذالت جو ڳٽ بڻجيو وڃي! سٺي ۽ بهتر تربيت ۾ پليل اولاد ملڪ، قومَ ۽ معاشري لاءِ رحمت ئي رحمت آهي. اچو تہ اولاد جي تربيت لاءِ ڪي درس سڪون!

تربيت جو بنياد دين اسلام هئڻ گهرجي. اولاد کي دين جي طرف آڻڻ جو فڪر ايترو لازمي آهي، جيترو پنهنجي اصلاح جو فڪر هوندو آهي. اولاد کي صرف زبان سان سمجهائڻ ڪافي ناهي بلڪ رات ڏينهن انهيءَ جي ايتري تہ نگهباني ڪجي جيئن ننڍڙي ٻار جي ڪئي ويندي آهي ۽ فڪر ايترو هجي جيئن ٻرندڙ باهہ جي طرف جڏهن ننڍڙو ٻار ويندو آهي تہ تيستائين آرام ۽ سڪون نہ ايندو آهي جيستائين ان کي جهڙپ ڏئي ڪٽي نہ ونبو آهي.

اهڙي نموني سان هتي بہ فڪر ۽ تڙپ ايتري هجي. ڇو تہ پورو قرآن مجيد ان حڪم جي تاڪيد سان ڀريل اهي. مثال طور انبياء عليهم السلام جي واقعات جو ذڪر ڪندي الله تعاليٰ فرمائي ٿو: وڪان يامر اهله بالصلوة و الزکوة (سوره مريم) حضرت اسماعيل عليہ السلام پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو. حضرت يعقوب عليہ السلام جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ جڏهن ان جو انتقال ٿيڻ تي هو تہ پنهنجي سموري اولاد کي گڏ ڪيائين. ڪي ماڻهو مرڻ جي وقت اولاد کي گڏ ڪري انهن جو فڪر ڪندي چوندا آهن تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ توهان جو ڇا ٿيندو؟ توهان ڪهڙي نموني سان ڪمائيندؤ؟ پر حضرت يعقوبؑ پنهنجي اولاد کي گڏ ڪري هيءَ ڳالهہ پڇي ٿو تہ ٻڌايو تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ توهان ڪنهن جي عبادت ڪندؤ. ان کي جيڪڏهن ڪو فڪر هو تہ عبادت جو. بس پنهنجي اولاد ۽ اهل و عيال جي باري ۾ ان فڪر کي پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

**حرام جي هڪ لقمي جو نتيجو:**

دارالعلوم ديوبند جو صدر مدرس مولانا محمد يعقوب صاحب نانوتويؒ فرمائن ٿا تہ مان هڪ دفعي ڪنهن شخص جي دعوت تي ان جي گهر ويم. جڏهن ماني آندي وئي ۽ مون کائڻ شروع ڪئي تہ هڪ لقمي سان محسوس ٿيو تہ ماني ۾ ڪجهہ گڙٻڙ آهي. شايد مٿان حرام جي آمدني مان تيار ڪئي وئي هئي. جڏهن ان حرام جي ڪمائي جو هڪ لقمو بي توجهي سان اندر نڙي ۾ هليو ويو. ان تي توبہ استغفار ڪئي پر ٻن مهينن تائين ان حرام لقمي جي ظلمت محسوس ٿيندي رهي ۽ ٻن مهينن تائين هي خيال ايندو رهيو تہ فلاڻو گناهہ ڪر ۽ گناهہ جي تقاضا ٿيندي رهي. بهرحال جنهن ماڻهوءَ جي دل کي الله تعاليٰ مزڪي بڻائيندو آهي، ان کي ان گناهہ جي ظلمت محسوس ٿيندي آهي. پر اسان جڏهن انهن کان مانوس ٿي ويا آهيون، ان ڪري اسان کي گناهن جي ظلمت محسوس نہ ٿي ٿئي. ٻارن جي تربيت جي حوالي سان عرض ڪجي ٿو تہ هر لحاظ سان ٻارن جي تربيت ڪئي وڃي ۽ انهن کي حرام کارائڻ کان پري رکجي ڇو تہ حرام ئي ظلمت ۽ گناهن جي پاڙ آهي جو انهن گناهن جي ظلمت جي ڪري معاشري جو فساد ٿئي ٿو جيڪو معاشرو انسانن جي زندگيءَ سان وابستہ آهي.

**هيءَ دنيا گناهن سان ڀريل آهي:**

ڪنهن الله واري بزرگ فرمايو آهي ته هيءَ دنيا جيڪا گناهن جي ٻاھ سان ڀريل آهي، ان جو مثال ائين آهي، جيئن ڪمري جي اندر گيس ڀريل هجي. گيس حقيقت ۾ ٻاھ ئي آهي رڳو تيلي ٻارڻ جي دير آهي. جيئن تيلي ٻاريندؤ تيئن ان ڪمري ۾ ٻاھ ڀڙڪڻ شروع ڪندي. اهڙي نموني سان برا اعمال ۽ گناھ کھڙا به هجن، جيڪي معاشري جي اندر ڦهليل آهن، حقيقت ۾ اهي ٻاھ آهن. جيئن صور ڦوڪي ويندي تيئن هن دنيا ۾ ٻاھ ڀڙڪڻ شروع ٿي ويندي. صرف صور ڦوڪڻ جي دير آهي. ڇو ته اسان جا برا اعمال حقيقت ۾ جهنم جي ٻاھ آهن. ان ٻاھ کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ گهرجي ۽ پنهنجي اهل عيال کي به بچائڻ گهرجي. ڀريان پاڻ اعمال صالحه ڪيون ۽ پوءِ پنهنجي اولاد کي به ان جو حڪم ڪيون. ڇو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ”وامر اهلك بالصلوٰة واصطبر عليها (ط ـــ 133) يعني پنهنجي گهر وارن کي حڪم ڪيو ۽ پاڻ به ان جي پابندي ڪيو. هتي الله تعاليٰ گهر وارن جي حڪم سان گڏ پنهنجو پاڻ کي به پابند بنائڻ جو حڪم ڏئي ٿو. ڇو ته صرف گهر وارن کي نماز روزي جو حڪم ڪجي ۽ پاڻ انهن کان غافل رهجي، ان وقت ان جو چوڻ بي فائده آهي. فائديمند تڏهن ٿيندو جڏهن پاڻ به ان تي عمل ڪري ۽ انهن جي لاءِ هڪ مثال نمونو بڻجي.

**ٻارن سان ڪوڙ نه ڳالهايو:**

حديث شريف ۾ آهي ته حضور ﷺ جن جي سامهون هڪ عورت پنهنجي ٻار کي جهولي ۾ ويهارڻ لاءِ سڏ ڪيو. ٻار اچڻ ۾ گهبرائي پيو ته ان عورت ٻيهر ٻار کي چيو ته تون هيڏي اچ ته مان توکي ڪا شيءِ ڏيندم. ان وقت اهو ٻار آيو. پاڻ سڳورن ان عورت کان پڇيو ته تو ٻار کي چيو ته مون ڏي اچ ته مان توکي ڪا شيءِ ڏيندم ڇا تنهنجي واقعي نيت هئي يا نه؟ تنهن تي ان عورت جواب ۾ چيو ته اي الله جا رسول! مون وٽ کارڪ آهي ۽ اها ان کي ڏيڻ جي نيت هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جن جڏهن جواب ٻڌو تڏهن فرمايائون ته جيڪڏهن توکي ڏيڻ جي نيت نه هجي ها ته هيءَ تنهنجي طرف کان سخت وڏو گناھ هيو. ان جي ڪري توهان پنهنجي اولاد سان ڪوڙا واعدا نه ڪيو ڇو ته ائين ڪري توهان انهن جي دل ۾ ننڍي هوندي کان ئي هيءَ ڳالھ وجهي رهيا آهي ته ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ واعدي خلافي ڪرڻ ڪا بري ڳالھ نه آهي. جڏهن اها ڳالھ سامهون ايندي، تڏهن لازمي طور انهن جي عادت ڪوڙ ڳالهائڻ تي پوندي، جنهن جي ڪري انسان معاشري جي اندر ذليل ۽ خوار ٿئي ٿو ۽ عند الله آخرت ۾ به. انهيءَ ڪري مذڪوره آيت جيڪا مٿي بيان ٿي چڪي آهي، ان ۾ هن ڳالھ جي طرف اشارو آهي ته زال ۽ ٻارن کي جيڪو حڪم ڪيو ٿا ڀريان پاڻ ان تي عمل ڪيو ۽ ان جي پابندي ٻي کان وڌيڪ ڪريو.

**ٻارن کي تربيت ڏيڻ جو انداز**

حضرت ابو هريرهؓ فرمائن ٿا ته حضرت فاطمهؓ جو صاحبزادو حضرت حسنؓ جڏهن ٻار هو، ان وقت هڪ دفعي صدقي جي کارڪن مان هڪ کارڪ کڻي ڪري وات ۾ وڌي ته حضور اڪرم ﷺ ڏٺو ته فورا فرمايائون ته ”کخ کخ“. عربي ۾ هي لفظ ائين جيئن اسان جي زبان ۾ ”ٿو ٿو“ چوندا آهن. بهرحال حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ”کخ کخ“ يعني ان جي وات مان ڪڍي اڇلايو. ڇا توهان کي معلوم ناهي ته اسان بنو هاشم صدقي جي مال کي نه کائيندا آهيون. حضرت حسنؓ حضور اقدس ﷺ جو ڏوهٽو آهي. اهڙو محبوب ڏوهٽو آهي جو پاڻ هڪ دفعي خطبو ڏئي رهيا هئا. ان وقت حضرت حسنؓ مسجد ۾ داخل ٿيو ته حضور اقدس ﷺ منبر کان لهي اڳتي وجي ڪري ان کي ڪنيائون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو پاڻ سڳورا نماز پڙهندا هئا ته حضرت حسنؓ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڪلهن تي چڙهي ويهي رهندا هئا. جڏهن پاڻ ڪريم مسجد کان اٿندا هئا ته هڪ هٿ سان پڪڙي ڪري لاهيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو پاڻ سڳورا حضرت حسن کي گود ۾ به ويهاريندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: هي اولاد اهڙي آهي جو انسان کي بخيل ۽ بزدل ڪري ڇڏيندي آهي ان ڪري انسان ڪڏهن ڪڏهن اولاد جي ڪري بخيل ٿئي ويندو آهي ته

ڪڏهن ڪڏهن بزدل ٿي ويندو آهي. بهرحال هڪ طرف حضور اقدس ﷺ جي حضرت حسن سان ايتري



محبت آهي ٻئي طرف جڏهن حسنؓ ناداني ۾ هڪ کارڪ کي وات ۾ وجهي ٿو ته پاڻ ﷺ جن کي گوارا نه ٿو ٿئي ته هيءَ کارڪ کي کائي وڃي ڇو ته ان کي ڀريان شيءِ جي تربيت ڪرڻي هئي. ان ڪري اها کارڪ ان جي وات کان ڪڍرايائون ۽ فرمايائون هي اسان جي کائڻ جي شيءِ ناهي. هاڻي اسان ڏسون ته ايتري محبت جي باوجود به هڪ ناجائز شيءِ برداشت نه ٿي ڪئي وڃي. اسان جي ٻارن سان محبت هوندي آهي، پر اسان ايترا ته انڌا ٿي ويندا آهيون جو ٻار صبح کان شام تائين غلط ڪم پيو ڪندو آهي پر اسان جي اندر ان کي روڪڻ جي طاقت ناهي هوندي.

**ٻارن سان محبت جي حد**

مٿين حديث ۾ هن ڳالھ جي طرف به اشارو فرمايل آهي ته ٻار جي تربيت ننڍين ننڍين شين کان شروع ٿئي ٿي. ان سان ان جو ذهن ٺهي ٿو. ان تربيت سان ان جي زندگي ٺهي ٿي. هي حضور اقدس ﷺ جن جي سنت آهي. اڄ ڪلھ هي عجيب منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ماءُ پيءُ جي اندر ٻارن کي غلط ڳالهين تي ٽوڪڻ جو رواج ختم ٿي ويو آهي. اڄ کان ڀريان به ماءُ پيءُ ٻارن سان محبت ڪندا هئا. پر اهي عمل ۽ تدبير سان محبت ڪندا هئا. پر اڄ ڪلھ محبت ايتري درجي تي پهتي آهي جو ٻار ڪيترو به غلط ڪم ڪندو رهي ۽ غلط حرڪتون ڪندو رهي، ماءُ پيءُ انهن غلطين تي ٽوڪ ئي ڪونه ٿا ڪن. ماءُ پيءُ هي سمجهن ٿا ته هي نادان ٻار آهي، ان کي هر قسم جي اجازت آهي. ان کي روڪڻ جي ضرورت ناهي منهنجا ڀاءُ! ٿورو سوچ ته ڪر جيڪڏهن ٻار نادان آهي، پر تون ته نادان ناهين. تنهنجو فرض آهي ته ان جي تربيت ڪرين. جيڪڏهن ٻار ادب جي خلاف، تميز خلاف يا شريعت جي خلاف ڪو ئي غلط ڪم ڪري ته صحيح ڳالھ ٻڌائڻ ماءُ پيءُ جي ذمي فرض آهي. ان جي ڪري اهو ٻار ان طرح بد تهذيب ٿي ڪري وڏو ٿيو ته ان جو وبال توهان جي مٿون آهي. توهان ته ان کي ابتدا ۾ اها عادت وڌي ۽ چڱي عادت جي طرف ان کي مائل ئي ڪونه ڪيو.

**ٻارن کي مارڻ کان بچجي**

هيءَ ڳالھ سمجهڻ گهرجي ته چاهي استاد يا ماءُ پيءُ هجي، ٻار کي هن حد تائين مارڻ ناجائز آهي، جنهن سان ٻار جي جسم تي نشان ٿي وڃي. اڄ ڪلھ هي طريقو مار ڏيڻ جو عام آهي. جيڪو ڪنهن به لحاظ سان جائز ناهي. جيئن اسان وٽ قرآن شريف جي مڪتبن ۾ مار ڏيڻ جو رواج آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مار ايتري ڏني ويندي آهي جو ٻار جي جسم مان رت نڪري ايندو آهي. زخم يا نشان ٿي پوندو آهي. هي عمل وڏو گناھ آهي.

اسانجو سائين نور احمد ميمڻ چوندو آهي ته ”ٻار کي مارڻ کان هر حال ۾ بچڻ جي ڪوشش ڪجي. تربيت، سمجهاڻي، هيرائڻ، نگراني ڪرڻ، چند پٽڻ، اهڙا ڪيترائي طريقا آهن جنهن سان ٻار کي سوڌي سونواري يا ڪنهن غلطيءَ کان باز رکي سگهجي ٿو. پر ان ۾ نفسياتي حربن ۽ حڪمت عملين جي ضرورت هوندي آهي. اسان جي اڻ پڙهي يا اڌ پڙهيي ماحول ۾ انهن طريقن جي کوٽ جو آهي ته پوءِ معاملن جو سڄو نزلو وڃي ٻار جي مار تي بيهندو آهي. ٻار کي مار جون جيڪي پاسيريون خطرناڪيون ۽ خراب نفسياتي اثر آهن، جيڪڏهن اسان کي معلوم ٿي وڃن ته جيڪر اسان جو مار ڏيڻ تان ارواھ ئي ڪڃي وڃي. هي دور ته تربيت ۽ سڌاري جا اهڙا اهڙا نوان رنگ ڪڍي آيو آهي جو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪتن ۽ ٻلين کي به سال سال جي ٽريننگ ڏئي انهن ۾ فضيلت پيدا ڪئي ويندي آهي ته اهي جتي ڪٿي نه مُتن، اهي ٿانوَ نه لڪِن ۽ اهي جڏهن روڊ ڪراس ڪن ته زيبرا ڪراسنگ استعمال ڪن. هاڻي اهڙي دور ۾ انسان اشرف الفمخلوقات جي ٻارن کي مار سان سڌارڻ جو بندوبست ٿيندو هجي ته پوءِ سڌارڻ واري جي اهليت ۽ ماٿيي کي حيف آهي.“

پر جيڪڏهن سخت ضدي قسم جي ٻار کي مارڻ جي انتهائي ضرورت محسوس ٿئي يا اهڙو ڪم ڪري جو ڪاوڙ اچي ته ان وقت ٻار کي بلڪل مارڻ نه گهرجي. ان کان پوءِ جڏهن ڪاوڙ ٺڏي ٿي وڃي ته مصنوعي ڪاوڙ پيدا ڪري ٻار کي تنبيھ ڪجي يا خفيف مار ڏجي. ڇو ته جڏهن طبعي ڪاوڙ ايندي آهي تڏهن انسان لاءِ ضابطي تي رهڻ مشڪل هوندو آهي. بلڪ حد کان تجاوز ڪري ويندو آهي. ڇو ته ڪاوڙ اهڙي شيءِ آهي جو انسان اڪثر و بيشتر حد تي قائم نه رهي سگهندو آهي.